# نخريليون

(١١ ڪهاڻيون)



Nakhrelyun - Collection of Stories

سُندري اُتمچندائڻي

# نخريليون

(۱۱ ڪهاڻيون)

**Nakhrelyun - Collection of Stories**

ليکڪا

سُندري اُتمچنداڻي

**Sundri Uttamchandani**

**www.SundriUttam.com**

سال ۵۲ ۱۵ آگسٽ ۲۰۰۱

قيمت سٺ رپيا

ڇپائيندڙ

نئين دنيا پبليڪيشن

ماهيم، ممبئي-۴۰۰۰۱٦.

Contact: Asha Chand +971 50 4506739
Phones +91 9821473200/ 9769313331
Email: info@SindhiSangat.com

## فهرست


| نمبر | ڪهاڻيون | صفح |
|---|---|---|
| | مهاڳ | ١ |
| ١ | ڪامڻ گور | ٥ |
| ٢ | آڪاهتا | ١٧ |
| ٣ | لکيو ڪيئن ڪليو ! | ٢٥ |
| ٤ | آکيرو ڦٽي ويو | ٣٦ |
| ٥ | چوٽ | ٥٢ |
| ٦ | ڏاتار جي ڏات ! | ٦٠ |
| ٧ | ”لکي ڏي !“ | ٧١ |
| ٨ | روشني | ٨٠ |
| ٩ | ڏيئي جو تيل | ٨٨ |
| ١٠ | نخريليون | ٩٥ |
| ١١ | ٻهروپ | ١٠٤ |



**Nakhrelyun** (11 Short Stories)

By SUNDRI UTTAMCHANDANI - 15th August 2001

**Rs. 60/-**

***Publisher*** : Naeen Duniya Publication, B-9 Florina, Sitladevi Temple Road, Mumbai-400 016.

Printer : Sudha Offset Printers
25 Prince Market, Ulhasnagar-421 003. Tel. : 560465

# مهاڳ

هي سندري اُتمچندا ڻيءَ جي ڪهاڻين جو ڏهون مجموعو آهي. هن ۾ سندس ١١ ڪهاڻيون آهن. انهن مجموعن ۾ سندريءَ جون هڪ سؤ کان مٿي ڪهاڻيون ٿي وينديون آهيا بہ سندس ڇپيل ڪهاڻين جا ٢ مجموعا نڪري سگهندا. ايترا ڇپيل مجموعا هتي شايد ئي ٻئي ڪنهن سنڌي ساهتڪار جا نڪتل آهن. اُنجو مکيہ سبب سندس ئي لفظن ۾ اِهو آهي : ”منهنجيون رچنائون سڌاري سنواري ناولن، ڪهاڻين ۽ ڪوتائن جي روپ ۾ آنديون آهن منهنجي پتيءَ (پڙهو ”ڪيڙيل ڌرتي“ ڪتاب ۾ ڏنل منهنجو رچنا سنسار ۽ ڪونج جي سندري پرچو-٢٠٠٠ ۾ ”منهنجو ساٿي منهنجو رهبر اُتم“) ورهاڱي بعد هتي ٻين ليکڪائن مان پوپٽي ۽ سندري ئي لڳاتار گهڻي ۾ گهڻو ساهت لکيو آهي. گلي سدارنگاڻي تہ ١٩٤١ ۾ هندو مسلم ايڪتا، اِستري پرش برابري، انقلاب ۽ ساميواد وشيہ تي ’اتحاد‘ ناول لکي ترقي پسند ساهتڪ ڌارا جي باني بڻي هئي. اُن بعد ئي سنڌ ۾ ترقي پسند ساهت ۽ هلچل کي اوج ملي، جو ١٩٤٢ ۾ ڪئٽ اِنڊيا تحرڪ ۾ ڪيترا

نوان ترقي پسند ليکڪ اڀريان آيا. ڪراچي ۾ ١٩٤٦-١٩٤٧ ۾ اُنهن ليکڪن جي جماعتبندي جون ڪوششون ٿيون ته ادبي ڪلاس شروع ٿيا ۽ جڏهن حيدرآباد ۾ به ١٩٤٦ ۾ 'پروگريسو گروپ' ٺهي جنهن پاران ليکڪن جا ادبي ڪلاس به هليا. اُن وقت سنڌ ۾ سياويڪ جيڪو ساهت ڪتابن، مخزن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيڻ لڳو اُن تي ترقي پسند ڌارا جو اثر هو. لڏپلاڻ بعد ليکڪ اُهو اثر پارت ۾ به کڻي آيا. هتي ورهاڱي بعد ته ٢٥-٣٠ سال ترقي پسند ڌارا جو ساهت ۽ سنڌيت جي هلچل تي زوردار اثر ڇانيل رهيو. سنڌريءَ ته اِها ڌارا اپنائي آهي پر پوپٽي ۽ ٻين بزرگن به ترقي پسندن کي ساٿ ڏنو، جڏهن سنڌي ٻولي تسليمي هلچل مان پڌرو آهي. جيڪا ١٩٤٩ ۾ پروفيسر منگهارام ملڪاڻي جي پرڌانپڻي هيٺ ناهيل سنڌي ساهت منڊل سان شروع ٿي، جنهنکي ١٩٤٨ ۾ ناهيل ترقي پسند مخزن نئين دنيا هٿي ڏني. ملڪاڻيءَ جي لفظن ۾ ”هتي سنڌي ساهت منڊل ۽ نئين دنيا ٿي ساهت کي پنر جنم ڏنو!! سنڌري ٻنهي ۾ سرگرم هئي. منڊل جي هفتيوار ادبي ڪلاس ۾ سنڌريءَ کي جيون ساٿي وڻي ويندو هو ته ٻين ساهتڪ ميڙن ۽ سميلنن ۾ به وٺي ايندو هو. اهڙو نيمائتو ڀاڳ وٺندڙ جهونو ٻيو سرگرم ساهتڪ جوڙو اڄ تائين ڪونهي.

سندري کي ١٩٨٦ ۾ 'وچوڙو' ڪهاڻي-ڪتاب تي ساهت ائڪيڊمي جو ١٠ هزار رپيا اِنعام مليو تہ ١٩٩١ ۾ مهاراشٽر جو هڪ لک رپين جو گورو پرسڪار بہ مليو آهي. سندريءَ جا ٢ ناول ڪرندڙ ديوارون ۽ پريت پراڻي ريت نرالي ڪهاڻين جا مجموعا سنڌ ۽ هند ۾ ور ور ڇپيا آهن. ان کان اڳ سندريءَ جي ڪهاڻين ١٩٥٢ کان ١٩٦٠ تائين نئين دنيا ڪهاڻي ۽ پهريون ڪتاب گهر جي چنايتي ۾ بہ انعام کٽيا آهن.

سندريءَ جي ڪهاڻين ۽ ناولن جي هند ۽ سنڌ ۾ ايتري لوڪپريتا جو ڪارڻ اِهو آهي جو هوءَ سنڌي جيوت ۽ سماج جو چٽر حقيقت نگاري سان گهريچي، اصطلاحي ۽ محاوريدار دلچسپ ۽ دلڪش بوليءَ ۾ پيش ڪري ٿي. اُن ۾ نہ رڳو ٻاهرين دنيا جي پر اندرين من جي دنيا جي بہ ڪشمڪش هوندي آهي تہ فن ۽ فڪر، مال ۽ رومال جو بہ مڌر ميلاپ هوندو آهي، جنهن هن تازي ١٠ مجموعي ''نخريليون'' مان بہ پڌرو آهي.

ورهاڱي جي ڪري اسانجي آرٽڪ اُنتي ايتري ٿي آهي جو نئين ٽهي اڪثر عيش عشرت ۽ آڊمبر ۾ محو ۽ جاتي فرض - سنڌيت کان جڻ بي مک ٿي ويئي آهي. اِنڪري سماجي ۽ تهذيبي، تمدني جيوت کي ڌڪ لڳو آهي. پيار ۽ شادي جو مسئلو پيچيدو بڻيو آهي. ڪٽنبي

جيون ۾ ڇڙواڳي ڇانئجي رهي آهي. پيار ۽ شادي اڳيان اچا بہ ڏيتي ليتي، ذات پات ۽ آهم ياوَ - EGO جو مسئلو کڙو ٿي ويندو آهي. سندري جي ڪهاڻين جا اڪثر ڪردار پنهنجين تنگدل ۽ ڏکين حالتن جو بي باڪ ٿي مقابلو ڪندڙ ۽ برابري چاهيندڙ آهن جئن هن مجموعي مان بہ ظاهر آهي. 'نخريليون' ۾ تہ اڄڪلهہ جي سنڌي جوانڙين جي شادي بابت آزادگي جا ويچار ظاهر آهن. هن مان ٩ ڪهاڻيون نئين دنيا ۾ ڇپيل ٥٠ جي ڏهاڪي جون آهن پر اُنهن جا مسئلا ڏيتي ليتي، شادي ۽ پيار وغيره اڄ بہ نت نوان آهن بيون بہ ڪهاڻيون اڻڇپيل تازيون آهن. جن ۾ بہ اڄوڪي سنڌي جيون جا چٽر آهن.

سندري .اُتمچنداڻي اُنهن ترقي پسند ساهتڪارن مان آهي جن ٥٠ سالن کان لڳاتار لکيو آهي. هن پنهنجي ناولن ۽ ڪهاڻين ۾ سدائين عام ماڻهن جي سنڌي نالن وارن ڪردارن جي جيوت جي شفي ۽ نفي پهلوءَ ۽ سنڌيت جي ترجماني پئي ڪئي آهي. اُميد تہ هي ڪهاڻين جو ڏهون مجموعو پڻ اڳين ٩ مجموعن وانگر لوڪپريہ ثابت ٿيندر. جئہ سنڌي !

اي.جي. اُتم

(نئين دنيا پبليڪيشن) ١٥ آگسٽ ٢٠٠١

(۱)

# ڪامڻ گور

اَڄ رام ماءُ، ٻي مهني ڪان پوءِ اجمير ڪان موٽي هئي. مٽي جي چادر اجا ٻه اڳتي وڌائي نرڙ ڍڪي، ٻئرڪ ۾ پنهنجي ڪوليءَ ۾ ٿي گهڙي ته دروازي تي تازو بلو رنگ ڏسي ياٽيائين ته ٻئي ڪنهنجي ڪوٺيءَ ۾ گهڙان، سو پير موٽائي ٻاهر مس ڪيائين ته سامهون واري ٻئرڪ مان مولي ماءُ رَئي ٽڪري مٽي تي ڪٽندي ٻاهر هلي آئي. چي، ”ٻڙي رام ماءُ ڏاڍا ڏينهن وچي لڳايئه.“ هينئر رام ماءُ کي پڪ ٿي ويئي ته هيءُ سندس ئي گهر هو. اندر ته پتين چتين ڏي پيئي نهاري، ڪنڌ ۾ رنڍٽي جي ننڍڙي تاڪن واري ڪٻلڙيءَ کي پيئي جاچي. مولي ماءُ چيو، ”اَما، نهٽي ڪانهي نه، مان وچي تي سڏي اچانس. مانکي چئي ويئي آهي، ته سڀڻ واريءَ وٽان سڏي وٺجائم. صبح ويچاري سٽيشن تان به رلي آئي....“

رام ماءُ چيو، ”مائي چا ڪريان، ٽرين ۾ رش هئي گهڻي، چڙهڻ جي جڳهه ئي نه ملي، انهيءَ ڪري وري ٻيءَ ٽرين ۾ آيس.“ مولي ماءُ سٽ پٽ ڪندي ڪنوار کي ڪوٺڻ

اينري ۾ ڪپڙن جي هڪڙي ننڍڙي هڙ ڪٺي ڪنوار اچي ٻهتي. سڄيءَ ٽوليءَ جا ڄڻ چپ ئي سبجي ويا. ڪيتري دير سڀ ڪنوار کي ئي ڏسنديون رهيون. هوءَ ٽڪڙي ٽڪڙي اچي ٻاهه ٻاري ڀاڄي وڌڻ کي لڳي ويئي هئي. ٻاڙي جي ٽڪاٽي جو گهنڊ وڄڻ لڳو ته سڀ زالون يڪساهي اُٿي کڙيون ٿيون. ڪيمي ماءُ چيو، ”مائي سنجها جي ويل اچي ٿي آهي. اجايو پراني لائيءَ چائيءَ ۾ سواس وڃائڻ مان ڪهڙو فائدو.“ رام ڪنوار، جنهنکي ڪيمي ماءُ جي سڀاءَ جي خوب ڄاڻ هئي سا هيٺ ڪنڌ ڪيو ڀاڄي ٻه وڍيندي رهي ته مرڪندي ٻه رهي.

سڀ زالون ٻئرڪ کان ٻاهر آيون ته مولي ماءُ ناس چپٽي نڪ ۾ ٺوسيندي چيو، ”مائي رام جي ڪنوار ته حد ڪري ڇڏي آهي. اسان جون نهر جي سس کي هن طرح ڳالهين ۾ وينو ڏسن ته جيڪر ڳلو ڦاڙي ڇون، 'پٽهن جي اچڻ جي مهل اچي ٿي آهي اجا چلهه ۾ ٽانڊو نه وڌو اٿو. بس بس نران ماٺ ڪيو ڪٿون ويٺيون چنو.“ هيئر ٻاسي واري ٽڪاٽي جي نوبت وڄڻ لڳي. گوپ ماءُ چيو، ”گرو تنهنجي قدرت تان ٻلهار وڃان.“ ۽ سڀڪا پنهنجي پنهنجي گهر رواني ٿي ويئي.

چار پنج ڏينهن گذريا ته رام ماءُ جي سامهون واري ٻئرڪ ۾ مولي ماءُ جي گهر محفل لڳي. رام ماءُ اجمير مان نڙ ڳوءِ، چلم، ٽوپي، سڄو مجلس جو سامان وٺي آئي هئي سو مولي ماءُ جي گهر ٻڙڪو پئي ڪڇيو ۽ رهاٽيون پئي ٿيون. رهاٽيون ڪندڙن جي سڄي ٽولي موجود هئي.

ٻئي ڏينهن ٻہ مائي ڪين آئي. فرش اُگهيم، ڇت صفا ڪيم. بلب تان ٻہ پاٽيءَ ۾ ڪپڙو ٻوڙي مٽي اگهي ڇڏيم. رات جو پاڻ آيا تہ وائڙا ٿي ويا. چي، ”گهر ڪنهن چمڪايو آهي ؟“ چيم، ”مون کان سواءِ ٻيو ڪير ويهي وهندو.“ ڪين تہ آنند اچي ويو. چون پيا، ”اڄ تہ ڏياري آهي جهڙي ڏياري.“ مونکي رات جو جور پيا ڏين تہ هيترو ڪم ڪير بيمار نہ ٿي پوان. پر عجب تہ تڏهن لڳم جڏهن ڍوَ تي ڪاڏو ٻہ ڪاڏم، ننڍ ٻہ سٺي ڪيم ۽ سندن پيار ڪرڻ جي تہ ڳالهہ ئي نہ پڇ.“ پردي پنيان وينل سيني زالن ٻڌو. ٻئي ڪنوارون هينئر ٿهڪ ڏيئي کلي رهيون هيون. الاجي هڪ ٻئي کي ڪتڪتائي ٿي ڪيائون، الاجي ڇا ؟

هڪڙي هلڪي ڪيڪ ٿي. رام جي ڪنوار ڇئي رهي هئي، ”آئي الا، آ آ تون ڪا حد ڪيچلي آهين. ڏسين نٿي آڱر ۾ مشين جي سئي لڳي اٿم.“ ”فو فو“ ڪري هينئر هٿ سيڪڻ جهڙو آواز ٿيو تہ رام ماءُ بي خبري ۾ ڇئي ويني، ”ڪنوار سئي ڪيئن لڳئہ ؟“ وينلن جي منهن تي هراس ڇانئجي ويو، ڇڻ سيني گڏجي ڪا چوري ويني ڪئي، جا رام ماءُ جي بيوقوفيءَ سان پڌري ٿي پيئي هئي. پردي پنيان ش ش ڪري ڪن ۾ ٻڌائڻ وانگر مولي جي ڪنوار ڇئي رهي هئي، ”گهوڙا ڙي مون کي تہ وسري ويو تہ اميءَ جي صفحي ۾ اڄ چلم جي محفل لڳي آهي. رام جي ڪنوار ڳوڻ جي پردي جي ڇڏيل ٽڪر مان اچي محفل ۾ وراد ٿي چيو، ”امي توهين هتي آيو ڇا ؟“ سس يڪدم هٿ وٺي ڏسڻ لڳي. ڪيمي ماءُ جي منهن تي تہ ڪنهن مس اوتي ڇڏي هئي.

اوچتو رام ماءُ نهن کي ڳرانڙي پائي چيو، ”بلي، مان اچي تي رام لاءِ روٽي ٺاهيان تون بيفرني رهه.“

رام جي ڪنوار سس جي هن انوکي ورتاءُ تي لڄ کان ڳاڙهي ٿيندي مشڪندي اٿي ڪلورو وٺي هلي ويئي. پنيان ڪيمي ماءُ اچي چلي. ويچارا ڏيئي مولي ماءُ کي ڳرانڙي پائي چيائين، ”بلڙي مان اٿي تي روٽي ٺاهيان، تون بيفرني رهه.“ وري ڪٽ تي بجو نکا ڪرائي چيائين، ”ڦٽ چوريءَ کي. هليا نه ڪامڻ ؟ سُئي جَري لڳي اٿس ته سس جو چڻ ساهه ئي نڪري ويو آهي.“ ناس اگهڻ جو ٽڪر ڪٽي اُٿي ڪڙي تي. پيون سپ اٿي ڪڙيون ٿيون. هوتوءَ ماءُ ويندي ويندي چوندي ويئي، ”اچا ته ڏسج ساوتريءَ جي سس وانگر ڪيئن تي تون به نهن جي چاڪري ڪرين.“

رام ماءُ تي هنن تيرن جو ڪوبه اثر ڪين ٿيو. هوءَ ماٺ ۾ مرڪندي آهستي ڪري پنهنجي بئرڪ ۾ هلي ويئي.

(نئين دنيا - ١٩٥٥)

(٢)

# آڪاهتا

ٽرين ڇٽڻ ۾ باقي ڪي منٽ مس هئا، جو هيري ماءُ اچي سچي گاڏيءَ ۾ ئي ولوڙو وجهي ڇڏيو. هڪ ڇٽيءَ تہ ڇئي بہ ڪڍيس، ”ايڏو سامان ڪٽجي تہ سيڪنڊ ۾ ڇو نہ مسافري ڪجي.“

پر هيري ماءُ ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنس، رڳو ”پٽ بابلي“ ڪندي، ڪنهنجي سامان کي سيريندي ڪنهن جي پيرن کي سيريندي پنجن ستن منٽن اندر گاڏي ۾ پندرهن داگينا ماپائي ويئي. هڪ نندي نيٽيءَ بہ ڇٽي مدد ڪيس. ڪنهن ڪنهن مهل تہ ان نندي نيٽيءَ سان ائين ٿي اک ملايائين ڄڻ سالن کان سڃاتل هئس. ريل ڇٽي تہ هيري ماءُ رئي سان ڳچي اُگهندي نندي نيٽيءَ جي ير ۾ ٿي ويٺي. ”ائي، پنکو تہ هلاءِ.“ نندي نيٽيءَ پنکو هلائي ڇيو، ”امي توهان بہ حد ڪئي آهي. هيترو سامان ڪنيو اٿو، بامبي کان پوني جيتري پنڌ لاءِ!“

هيري ماءُ پگهر اُگهندي روڪجي ويئي. عجب مان

پڇيائين، ”تون مون کي سڃاڻين ٿي؟“
”نه، مون ته ائين چيو ٿي ڪين. ٻيءَ طرح سنڌي، سنڌيءَ جو جنم کان سڃاتل آهي.“
”ڏيءُ تنهنجو نالو ڇا آهي؟“
”سرسوتي!“
”توکي ڪيئن خبر پيئي ته پوني ٿي وڃان؟“
”توهانکي جيڪو ماڻهو ڇڏڻ آيو هو، تنهن توهان کي پوني پهچي تار ڪرڻ لاءِ چيو!“
هيري ماءُ کلي ويئي - ”آهين ڇوڪري سڄاڻ.“
سڄاڻ اکر تي سرسوتيءَ جو منهن لهي ويو، پر هيري ماءُ رفتار ڪنيل ريل سان برميچيندي چيو، ”مايون پيئون چون، سيڪنڊ ۾ وڃي هيڏو سامان رکائين ها. مونکي ٽڪيٽ ته سيڪنڊ جي هئي، پر سيڪنڊ ۾ وڃان ها ته ٻين وٽان ڏڪا ملن ها. هتي ته ڏڪن ڏيڻ سان ڪم بڻجي ويو.“
سرسوتيءَ کان کل نڪري ويئي - ”ليڪ ته چئو ٿا اَمي! ڏڪن کائڻ کان ڏڪن ڏيڻ ۾ مزو آهي.“
اوچتو سيني ڪٽي نڪ تي ڪپڙا ڏنا. گاڏي ڪاريءَ جي ڪني پاڻيءَ پل مٿان لنگهي رهي هئي. هيري ماءُ ته رئي جو پلؤ ڳچيءَ ۾ وجهي هٿ جوڙي چيو، ”دولهه لال، چڱي ڪجانءِ. تنهنجو اکو به ڪين ڪٽي نڪتي آهيان.“
سرسوتيءَ کي ڏاڍي کل آئي. چيائين، ”اَمي! هيءَ ته ڪني پاڻيءَ جي کاري آهي. سنڌو درياهه ٿوروئي آهي.“
”مڙيئي پاڻي ته آهي نه!“

سرسوتيءَ ڪنڌ ڌوڻيو. ”پر ٻڌايو تہ اَمي ! پوني ۾ گهر ڪرڻ ٿا وڃو ڇا ؟“

”نہ بابا، اسانجا ڏنڏا ڏاريون ٻامبي ۾، پوني ڪير گهر ڪري. پوني ۾ ڏيءَ مڱائي اٿم، اُنجو ڏاجو ڪنيو اٿم، وڃان ٿي شادي ڪرائڻ.“

سامهون واري بينچ تي جيڪا سنڌياڻي ويٺي هئي انهيءَ ڪنڌ اڳيان ڪري چيو، ”ڀيڻ ! ڪنهنجي گهر ڏيءَ مڱائي اٿيئي ؟“

هيري ماءُ جون اکيون چمڪي پيئون، ڄڻ اهو سوال ٻڌڻ لاءِ سندس ڪن مدت کان آتا هئا. لوڏ سان مرڪي چيائين، ”شيوڪراماڻيءَ ۾ گلابراءِ جي گهر مڱايو اٿم ڪڪيءَ کي. هاڪارو ڏاڪارو وڏ آڪاهتو گهر ڪنيو اٿم، اصل چوٿون پائو سنڌ جو ..... “

سرسوتي ۽ سنڌياڻي اکيون ڦاڙي هر هيري ماءُ کي، هر ڏاجي جي پندرهن داگينن کي ڏسڻ لڳيون. هيري ماءُ فخر کان ڦنڊبندي چيو، ”بابا، وڏن گهرن ۾ ڏيئر ڪبيون، تہ ڏاجا بہ اوڏائي ڏبا ڪين نہ. اڃا تہ گادرج جي ڪٻٽ جو آرڊر پوني ۾ ئي ڏيئي آئي آهيان. ٻيون بہ ڪيتريون شيون پوني مان وٺنديس.“

سرسوتيءَ ڪنڌ جهڪائي پنهنجي پيڙا کي لڪائيندي چيو، ”اَمي ! هننجي گهر ۾ هڪڙي ڇوڪري جون ٽنگون ڪجهہ سڪل آهن نہ .....“

”سو ٽنگن سڪل کي بہ چڱي اُچي پڙهيل ڳڙهيل ٻانهن

ملي هئي، پر چوري هئي عاملن جي، سا آکهتي گهر مان ڇا ڇاڻي.‘‘

’’عامل ڇاهي پائيبند، هرڪا ڇوڪري ساهرن سان گڏ رهڻ چاهيندي آهي آمي.‘‘

’’نہ بابا، عاملن جي ڇورين کي ڪپي وَنو ۽ ڪُنو. پائيبند ڪو گهر؛ ماڻهو فهميدو اُٽي فهميدو وهي، سو گلابراءِ جو گهر تہ ڇئي ڪٽي بس ڪجي. ڪٽي ڪٽي ڏيئر ڪيل اٿن. بس، ڳالهہ ئي نہ پڇ. پر ڏيءَ ! تنهنجي شڪل ڇو لٿي آهي. تون ڳالهہ ڪر ڪنهنجي گهر جي آهين ؟‘‘

سرسوتيءَ ڦڪو ڪلي چيو، ’’دلجاءِ ڪريو، مان بہ پائيبند آهيان.‘‘

’’هائو، پائيبندڪي ڇوڪري پريان ئي پڌري. قاعدي بڌو ڪلندي، قاعدي بڌو ڳالهائيندي ..... ‘‘

’’۽ وڏن گهرن ۾ ڇوڪريون دم بہ، قاعدي ۾ گهلجي گهلجي ئي ڏينديون آهن.‘‘ چوندي چوندي سرسوتيءَ جي چپن تي کل تہ ٽپڪي، پر پنبڻين وٽ ڦورو پاڻي بہ ظاهر ٿي پيس.‘‘

اوچتو گاڏي کي جهوٻو اچي ويو ۽ گاڏي بيهجي ويئي. ڦورو گوڙ ٿيو. ڪنهن زال ٻاهر بيٺل مردن کان سبب پڇيو. جواب مليو، هڪڙي ڳانءِ گاڏي هيٺان اچي ويئي. گاڏي ۾ جا وسميءَ پري ڇپ ڇپات ڇانئجي ويئي هئي، سا هڪدم گوڙ ۾ بدلجي ويئي.

هيري ماءُ بيپرواهيءَ سان چيو، ’’ڳانءِ کي مرڻ لاءِ

”جيڪي ڪنهن وٽ ناهي، اهو انجو ئي قدر ڇيو ڪري.“

”نہ بابا، هنن وٽ نهرن ڪي اها ’فري‘ آهي جو ڇا چئجي ا ڇوڪريون پائين ڇا، لاهين ڇا .....“

”ها امي، پيڪن مان جيڪي ونڻي ايندين آهن، انهنڪي اها آزادي هوندي آهي ۽ جتي بہ ڪابہ سکڻ وڌڻ جي تمنا ئي ڪانهي، اتي تہ اها آزادي بہ ڪوڙي آهي.“

”سکڻ وڌڻ ڏيءُ ڪهڙا آهن ! اڄڪلهہ ڇوڪرين کي گهوٽ مليو اللهہ مليو.“

”پر وڏن گهرن ۾ ڪا ڇوڪري ڪجهہ سکڻ ئي ڪٿي چاهي تہ ملندس تڪي آئو.“

هيري ماءُ جون اکيون ڦاٽي ويئون - ”ڪنهن تان ڀيئي اِچين ڏيءَ ؟ پاڻ تان تہ ڪانہ ٿي اچين.“

سرسوتي ڳاڏيءَ جي لوڏي سان لڏندي رهي، جواب ڪين ڏنائين، فقط اکيون پيرن ۾ ڪپائي ڇڏيائين.

هيري ماءُ ڏکهو ساهہ کڻي چيو، ”بس بابا، قسمت.“

ريل هاڻي ڪنهن غار مان لنگهي رهي هئي. بتيءَ جي هلڪي روشنيءَ ۾ ڪکن وارن واري سرسوتيءَ چيو، ”ڇا ڪجي امي، جڏهن اِنسانن کي سچ ڪوڙ سمجهائي نہ سگهبو آهي، تڏهن قسمت ڇئي ڪٿي بس ڪبي آهي.“

”ڪاٽي ڪُٽي هوندي انهن ساهرن جي، جن تو جهڙيءَ ديويءَ کي گهر مان ڪڍيو هوندو. مٺا ڪي ڳاجري باصري هئا ڇا ؟ تون تہ ڏيءُ، پراون پنهنجي آهين. ڪيڏي مونکي

ساماں رکائڻ ۾ مدد ڪرايئه......“

”بس اَمي، ڪنهن لاءِ ڪجهه به نٿو چئي سگهجي. ڪهڙا وڏا وڏا گهر به نهرن جون خسيس خسيس هلڪڙايون معاف ڪري نه سگهندا آهن.“

”نه ڌيءُ، وڏا گهر نه ننهن کي ورن ۾ سانديندا آهن ۽ پائيبند ته خاص ڪري ڏاڍا ننگه جا منل ٿيندا اٿيئي.“

سرسوتيءَ انمنيو چيو، ”اَمي، اڄڪلهه هرويرو ائين ڪونهي. مان ته مائٽن وٽ لاڏلي هريل هئس، سو ساهرن ۾ منهنجي خسيس خسيس الڙپاين کي وٺي ايڏو ڪري بغاغو مچائيندا هئا، جو منهنجو ته مغزئي ڪمزور ٿي ويو. ڏنگايون هيم به گهٽيئي، پر اَمي ڪوئي پنهنجائيءَ سان سمجهائيم ها ته مان شايد پاڻکي گهٽو ڪي لاهي وٺان ها.“

”پوءِ هاڻي نٿي ساهرن ۾ وڃين ؟“

”اوڏانهن ٿي ته وڃي رهي آهيان، پر آهي اُهنڊ، شل رهائين.“

”ڪي نيات نڪتل ٿي تو جهڙي ننهن کي نه رهائيندا.“

سرسوتيءَ جي دل ڀچي پيئي. نرڙ تي هٿ رکي چيائين، ”اهڙي ڳالهه ته اڳي به چوائي اٿم، پر شل نه ڪنهنکي آڪهه جو بانور لڳي.“

هيري ماءُ جي اکين مان عجب بڪڻ لڳو. ڳل تي آڱر رکي تن من هٽندي چيائين، ”آڪهين وارا ته نهرن کي ڪونه ڪڍندا آهن.“

سرسوتيءَ جو من پرچي آيو ۽ وڏيڪ کين ڳالهايائين. ڪنهن طرح چئن ڪلاڪن جي مسافري طيءِ ٿي ويئي.

پوني جي اسٽيشن تي سامان لٿو. هيري ماءُ کي ڏيءَ ۽ پٽ وٺڻ آيا هئا. سرسوتيءَ پنهنجي ننڍڙي بئگ ناهي چوڏاري نهاريو، ڪيس ڪوبہ وٺڻ ڪين آيو هو. هيري ماءُ جڏهن سامان لهرائي هيٺ ڪيو، تڏهن سرسوتيءَ جو من ۽ پلڪندڙ نظرون ڏسي چيائين، ”ڪنهنکي اچڻ جو احوال ڪونہ ڏنو هوءِ ڇا; ڏيءَ !“

سرسوتيءَ بازي هارايل جوئاريءَ جهڙي ڦِڪل مرڪ چپن تي آڻي چيو، ”سهري کي تار ڪئي هئم، پر .....“

”ڇاهي نالو تنهنجي سهري جو ؟“

سرسوتيءَ اکيون جهڪائي چيو، ”گلابراءِ شيوڪراماڻي !“

”هان ! شيوڪراماڻي !! .... “ هيري ماءُ کي جڻ سٽن وِڇن ڳڏجي ڏنگيو.

(نئين دنيا - ١٩٦٠)

## (٣)

# لڪيو ڪيئن ڪليو !

سنجها جي مهل هئي. هڪ پيرسن چيلهہ کي هٿ ڏيو وشنوُ ولا جي وڏن سنسان ڪمرن ۾ چڪر لڳائي رهيو هو. ڪمرن جا چيرون ڦاڪون ٿيل فرش پيرسن جي گهنجيل چهري سان ڄڻ همدردي جتائي رهيا هئا. اولهہ ۾ لهندڙ سورج جي ڪرڻن درين مان اچي ڪمرن کي روشن رکڻ جي ناڪام ڪوشش پئي ڪئي. اوچتو هڪ وچولي عمر جو ماڻهو اندر لنگهي آيو. پيرسن پڇيو، ”سڪ تہ آهي سڪرامداس. سهڪين ڇو ٿو؟“

”ڪاڪا مونکي هاڻي پنهنجي محل ۾ اجهو ڏي. تنهنجو لوڪ پرلوڪ سکي ٿيندو.“ سڪرامداس ڏوتيءَ جي پلوُ سان اکيون اگهڻ لڳو. پيرسن سڪرامداس کي پراڻي ڪوچ تي وهاري، پاڻ بہ پاسي کان ويهي رهيو. سندس پٺيءَ تي هٿ ڦيري چيائين، ”بابا تنهنجو ئي تہ گهر آهي، ڀلي اچي رهہ. پر ڇئہ آهي تہ سڪہ؟“

”ڪاڪا توهان کان ڇا لڪايان. پاڻم جي نياڻي پاڙي جي هڪ لوفر جي ڦندي ۾ ڦاسجي ويئي آهي. ڪٿي هو

۾ نهاري بي خود تي اهڙو مڏرتا سان ڳائيندو هر جو ٻڌندڙن جا سر جهومڻ لڳندا هئا.

الين ڏينهن ساڏو هليا ويا. وڏيءَ ڇوڪريءَ تہ روئي ڪٽي رڃ پريا. جڏهين ساڌن کي نمسڪار ڪري موڪلائي رهي هئي تڏهين ڪرشن گر جي ويجهو اچي چيائين، ”هنن داسين کي وساري نہ ڇڏجو.“ ڪرشن گر جو چهرو هونءَ تہ رسيل ڦل جو احساس ڪرائيندڙ هو باقيءَ هيءَ وينتي ٻڌي جا مٿس لالائي ٻهڪي اٿي، تنهن جي صورت وڏيءَ ڇوڪريءَ پنهنجي چپرن ۾ هميشهہ هميشهہ لاءِ لڪائي ڇڏي.

ڪجهہ ڏينهن گذريا تہ سڄي ڪٽنب تي ڄڻ مورڇا ڇانئجي ويئي. گهر جي ڀاتين مان ڦڙتي نڪري ويئي. زالو ويڳاڻيون، مرد منجهيل پئي ڏٺا. ڇوڪريون تہ ڪوئن جيئان تي پيئون هيون، جن مشڪل سان سس ٻاهر ٿي ڪڍيو. ٽن ڏينهن کانپوءِ مس وڃي سکرامداس ڪم تي وڃڻ لاءِ تيار ٿيو. مگر در وٽ پهچنديئي ٽپاليءِ ڪارڊ ڏنس جو کڻي اچي ڪرسيءَ تي ڪريو. کميا پڇيو، ”ڪنهنجو خط آهي ڏيرم؟“

سکرامداس دينتا سان چيو، ”سشيل نہ جائيءَ جو ...“

ٽپاليءَ جي آواز تي گهر جا سڀ ڀاتي ورانڊي ۾ نڪري آيا هئا. ماءُ پڇيو، ”ڪٿان لکيو اٿس؟“

”نياڳي سيتاپور وجي نڪتي آهي“ چوندي سکرامداس جي اکين اڳيان انڌيرو ڇانئجي ويو. پلڪون بند ڪري ڪرسيءَ جي پٺ تي ڪنڌ لڙڪائي ڇڏيائين. کميا سندس هٿ مان ڪارڊ وني ٿرڪندڙ چپن سان پڙهڻ لڳي. لکيل هو، ” ..... ڪرشن گرهاٽي نوڪري ڪندو آهي اسان شهر ۾ وڃي

گهر اڏيو آهي. امي تون ئي تہ چوندين آهين تہ جڏهين لکيو کلندو آهي تڏهين دير ئي ڪين لڳندي آهي. مونکي آسيس ڪين موڪليندينءَ ؟ ....“

سڪرامداس جي زال دک کان وياڪل ٿي کميا کي چيو، ”اڄ تنهنجي هسڻ جو وارو تہ آيو.“

هن ڇريءَ جي ڊار کان بہ تيز اکرن ۾ سان کميا ٿڏو شوڪارو ڀريو ۽ سڪرامداس ڏي ڏسي دل ئي دل ۾ چيائين، ”هاءِ رام ڪوريئڙو پنهنجي اُپايل جار ۾ ڪيئن ٿو ڦاسي!“

ڏيرانيءَ کي چيائين، ”ڏس نہ ڏيرانيم، لکيو ڪيئن ٿو کلي!“

”لکيو ڏوڙ جو کليو!“ سڪرامداس جي زال ڪوڙو منهن ڪري چيو.

وشنو ولا جو پيرسن مالڪ کلهي تي ٽوال رکي نل ڪوٺيءَ طرف وڃي رهيو هو جو سڪرامداس هٿ جوڙي چيس، ”ڪاڪا، سڀاڻي موني اسين پنهنجي جڳهہ ۾ وڃي وهنداسين.“

(نئين دنيا ١٩٥٦)

## (٤)

# آڪيرو ڦٽي ويو ......

ٻانهون ڳوڏن جي چوڌاري ويڙهي، صندليءَ تي سرير کي لوڏيندي، رڪما اُداس نگاهه ڪٽي دريءَ ڪان ٻاهر ڏسڻ لڳي ۽ آهستي چيائين، ”شانتي، مان اصل ڏاڍي ڪيچلي آهيان، ڪيس تنگ نہ ڪريان ها تہ جيڪر ڇو چوي ها تہ امتحان جو وقت مان هاسٽل ۾ رهندس. گهر ۾ اصل ڪونہ پڙهي سگهندس. پوءِ تہ مان اچا ٻڙودي ۾ ئي رهي پيئي هجان ها، جڏهين ٻامبي ۾ ڪيس نوڪري ملي ها تڏهن مان هتي اچان ها.“

شانتيءَ جو ڪن رڪما جي ڳالهين ڏانهن هو پر هٿن سان ڦلڪو تئي تي اُٿلائي رهي هئي. اوچتو رڪما ڪيس ٻانهن کان ڌونڌاري چيو، ”جڏهين هو ڪامرس جو امتحان ڏيئي هتي ايندو، تڏهين ڪيڏي نہ رونق لڳندي. شانتي! سچ ٻڌاءِ ڏاڍي رونق لڳندي نہ؟“

شانتيءَ تئي تان ڦلڪو لاهي سڪيءَ جي منهن ۾ نهاري، پنهنجين اکين جا ڇپڙ سوڙها ڪري پيار مان چيو، ”پڳلي!“ ۽ ٻئي ڪلڪ لڳيون.

شيام اچي چيو، ”شڪر آهي جو شانتيءَ کي دل گهري پاڙيسرڻ ملي آهي. ڪلو تہ وينيون.“

شانتيءَ عجب مان پڇيو، ”توهين ڪڏهين آيا ؟“

”اهو بہ ڪو سوال آهي، هينئر ئي آيو آهيان.“ ائين چئي شيام ڪپڙا مٽائڻ لڳو تہ رڪمڻيءَ منهن سجائي پڻ پڻ ۾ چيو، ”دادا تہ ڪهڙو آهي. هاڻي مان پاڙيسرڻ آهيان.“ ۽ اَڪري اَڪري پنهنجي روم جي دروازي جو پردو هٽائي هلي ويئي.

شيام ڪپڙا مٽائي پڙهڻ ويهي رهيو. پنهي ڪمرن ۾ چپچپات لڳي ويئي. رڱو بلبن جي تيز روشنيءَ ۾ گهر جي سجائي وڏيڪ پئي بکي. ٿورن منٽن ۾ ماني سڀ تيار ٿي ويئي. شانتي اچي ڪٽ تي ويهي رهي. ڏيمي آواز ۾ پڇيائين، ”روٽي پايان ؟“

نہ، ويھہ منٽ ترس مان هيءَ اخبار پڙهي وٺان.“

شانتي چپ ڪري ويهي رهي. پر ڪيچلي رڪمڻي الائي ڪيڏي مهل پير پير ۾ ڪري شيام جي ڪرسيءَ پٺيان اچي بيني. چپ چاپ ۾ هٿ ميز ڏي ڪري، ٽيبل لئمپ جو بٽڻ بند ڪري ڇڏيائين ۽ هٿ پٺيان ڪري بيهي رهي. شيام چيو، ”وري هاڻي اهي حرڪتون شروع ڪيون اٿيئي، ڪتي جو پڇ پل ڪٽي ٻاهن مهنا نر ۾ ......“ ۽ بتي ٻاري ڇڏيائين.

”سنيالي تہ ڳالهايو. مون ڪانہ بتي وسائي آهي. پٺيان ڏسو تہ ڪير بيني آهي !!“

شيام پٺي ورائي چيو، ”اڙي تون آهين رڪما !“

ڪرتو پائي آئي. ڳچيءَ ۾ بوچڻ وانگر رئو لٽڪائي چيائين، ''..... شانتي جيڪر هڪڙو درزڪو ڪلاس کولي تہ سڄي پاڙي جو ڀلو ٿي پوي. ڏاڏا هوشيار آهيو. شانتي ڳولي ڳولي ورتي اٿو.''

دادا کي پنهنجي ۽ زال جي ساراهہ تي ذرا شرم اچي ويو. چيائين، ''ڪيئن چئجي تنهنجي سڀڻ ۾ ئي ڪرامت هجي.''

رڪما ڳاڙهي ٿي ويئي. ''توهين رڳو ائين چوندا وجو ....''

ڪاڏي تي بہ اهائي ڪل خوشي هلندي رهي، پر ڪاڏي کان پوءِ شيام پنهنجي الماڙيءَ تان ڪتاب ٿي ڪنيو، تہ مٿن لٽ چڙهيل ڏسي، ڪڙو منهن ڪري چيائين، ''شانتي ! سڄو ڏينهن گهر ۾ ويٺي الاجي ڇا ڪندي آهين ؟ گهٽي لٽ چڙهي ويئي آهي ڪتابن تي !'' شانتي سهم ڪاڏل ٻار جيان منهن سڄائي اچي رئي جي پلئہ سان ئي ڪتاب ڇنڊڻ لڳي. شيام ٿڌو ڏيئي چيس، ''هاڻي هل هتان.'' شانتي ڳوري دل سان وڃي ڪٽ تي ويٺي. رڪما الاجي ڪٿان اچي پرگهٽ ٿي. هٿ پنيان ڪري، ڪوڙي ڏمڪيءَ سان چيائين، ڪتاب توهان پڙهو ۽ صفا ڪري شانتي ؟ پاڻ تہ ائين اصل نہ ڪندو آهي.''

شيام ڪلي ويٺو - ''لڇمڻ کي پاڻ تي چريو ڪري ڇڏيو اٿيئي نہ ! مان هجان تہ اها ٽوٽپائي ڪڍي ڇڏيانءِ.''

''هن کان پوءِ ڏسجو مان اول ٽوٽ ٿيان چو ٿي ؟ مان وڃي ٿي .... 'Intelligent woman's guide' ڪتاب پڙهان.''

شانتي ڪلليءَ ۾ چانهه وجهندي فقط ”ها“ ڪئي. مگر رڪما دروازي وٽ بهي نچي نچي چئي رهئي هئي، ”ضرور هلنداسين، ضرور هلنداسين. دادا توهين کهڙا سٺا آهيو. هو پاڻ تہ چوندو آهي چري آهين جو بادل ڏسي گهر ۾ ڪنيو ڇيڇ وجهين ! مان وڃي ٿي سنيران، شانتي جلدي تيار ٿيءُ.“

شانتي ٺهر سان چيو، ”توهين پلي وڃو، مونکي اڄ باهر نڪرڻ تي دل ئي نٿي ٿئي.“

شيام چيو، ”اها بہ عجيب ڳالهہ آهي. ڪن کي واڱڻ وائي ڪن کي بصر بادي. هن کي بادل نچائين، هن کي بادل غمگين ڪن. چڱو تڏهين مان وري آفيس کان چو گسايان ؟“

”اڳي ڪڏهين گسايو اٿو جو اڄ ٿا گسايو ؟“ شانتي جي آواز ۾ ٺوڪ کان وڌيڪ گهايل ٿيل پکيءَ جي پڪار هئي. شيام يڪدم سندس ويجهو پيل صندليءَ تي ويهي چيو، ”چو ٺيڪ تہ آهين نہ ؟“

”منهنجي ٺيڪ نہ ٺيڪ هجڻ سان توهانجو مطلب ؟“

”وري ڏس مهڻا ٿي ڏين نہ. تون ٺيڪ نہ هوندي آهين تہ منهنجو بدن پيو ڏکندو آهي.“

”بدن ڏکندو آهي ڪين ڪتابن پڙهڻ جو وڌيڪ چانس ملندو آهي ؟ اڄ هيءَ نئين پيار واري هام هڻڻ ڪٿان سکيا آهيو ؟“

”وڃ تون تہ پيئي ڏکيا ڏوراپا ڏي.“

جهڙو تي وڃڻ مهمل ٿي ويو پر شانتيءَ جي من ۾ جا

هلچل متي، سان بند ڪين ٿي.

شيام آفيس هليو ويو. رڪما سڀڻ جي ڪلاس ڏي هلي ويئي. شانتي اشانت چت سان سوچيندي رهي، ”جا رهه چهه، ڪل خوشي چاهيندي، مون ڪيترا سال گذاريا هئا، اها اڄ گهر اندر پهڻ لڳي آهي ته منهنجو من جهڙو اڏ جو پٿر ٿي بيٺو آهي ! آخر مونسان هيءَ ڪهڙي ويڌن ٿي آهي !!“ وچي پاڙي جا هڪ به گهر گهمي آئي. ٿورو من هلڪو ٿيس ته گهر جو ڪم لاهي ناول پڙهڻ ويهي رهي.

رڪما منجهند جو شالا مان موٽي ته شانتيءَ خوب ڳالهيون ڪيون. پر جانئين شيام آفيس مان موٽيو تانئين شانتيءَ جو منهن رونق چڏي ويو. هن دل ۾ جهاتي پائي انجو ڪارڻ ڳوليو ۽ بي رونق انڌڪار جي هيٺان هڪ سوال لڪيو پيو هو، ’اڄي به ڪڏهين شيام ايترو سويل گهر ۾ موٽيو هو ؟ هاڻي ته روز ٿو سويل اچي. ها، شاديءَ کان پوءِ جا ڪجهه ڏهاڙا برابر سويلئي ايندو هو، مگر پڻ سالن کان ڪڏهين به مون ڪيس ايترو سويل ايندو ڪين ڏٺو آهي.“ دل چيو، ”سني ڳالهه ڪڏهين به ٿئي ته سني آهي.“ مگر نه، هينئر ڪيس شيام جو آفيس کان سويل اچڻ سچ پچ ئي نه ٿي وڻيس. سچو مهنو گذري ويو. گهر جي ڪل خوشي موڳي ڪين پيئي. مگر شانتيءَ جي دل ايترو سسي ويئي، جو ڪير ڪين چوندو هو ته هوءَ سچ پچ جيئري هئي يا مئل.

اهڙيءَ جهڙيءَ ڳالهه تي به شانتيءَ جي اکين مان ٽاهه ٽاهه آنسو برسي پوندا هئا. مگر شيام ڪيس پاڪر پائي، ڪنهن نه ڪنهن طرح مانُ ڪرائي پوءِ ئي آفيس ڏي روانو ٿيندو

هو. شانتي تنهائيءَ ۾ ويٺي سوچيندي هئي، اڳي تہ ٻي ٻي ڏينهن هنڙين ڪسيس ڳالهين تان پيئي روئيندي هيس پر پتي هن طرح قرب سان ڪين اچي پرچائيندو هو. من چوندو هو، سٺي ڳالهہ ڪڏهن بہ ڪوئي سڪي تہ چڱو آهي، پر دل اندر ئي اندر سسي چوندي هئي، اڏارو قرب ڪنهنکي ٿو ڪپي. ليڪن جيئن جيئن شانتي شيام کان پاڻ ڪوئيندي ٿي ويئي تيئن تيئن شيام جون حرڪتون وڌنديون ٿي ويئيون.

هڪ ڏينهن شام جو لڇمڻ بہ امتحان ڏيئي اچي پهتو. رڪما سڄي گهر ۾ ٻهہ ٻهہ لائي ڏني. لڇمڻ جي اچڻ سان گهر ۾ خوشيءَ جي نئين لهر لڳي ويئي. لڇمڻ ۽ رڪما سڄو وقت پاڻ ۾ پيا مسخري ۽ ٺهہ ٺهہ ڪندا هئا. شانتيءَ کي هلڪو بخار اچڻ لڳو هو ان ڪري هوءَ اڪثر موڳي ٿي کٽ تي پيئي هوندي هئي. منجهند جو رڪما شالا ۾ هلي ويندي هئي تہ لڇمڻ ڪوئي ناول يا آکاڻي کڻي اچي بيمار شانتيءَ جي کٽ وٽ ڪرسي وجهي وهندو هو. شام جو شيام نوڪري تان موٽندو هو تہ اهو بہ کل ٺهڪڙي ۾ شامل ٿي ويندو هو. پر وچ وچ ۾ جڻ کيس ڪا وسريل ڳالهہ اچي ياد پوندي هئي تہ اُٺي شانتيءَ جي نرڙ کي هٿ لائي ڏسي ايندو هو. يا تہ وري لڇمڻ ۽ رڪما کي گهلي اچي شانتيءَ جي کٽ وٽ وهاريندو هو. شانتي هنن جي صحبت ۾ اَچانڪ پاڻ کي ٻٽي سال وڏي سمجهڻ لڳندي هئي. ڪڏهين بہ چنچلتا سان ٺهڪ ڏيئي کلي نہ سگهندي هئي. شيام کيس ڪتڪتايون ڪندو هو، يا ٻي ڪا مستي ڪندو هوس تہ شانتي کيس هٿ سان منع ڪندي هئي ۽ بس. ڪوئي مچائڻ تي مچلجي تہ

شيام اوچتو ڪڙيءَ تي ڦري پڇيو، ”ڇا چيو تو ؟“

”ڪجهه ڪين چيم.“ شانتيءَ هيٺئين چپ کي چڪ پائي چيو. شيام ڪلهن کان جهلي ذرا ڌونڌاري چيس، ”هنڪي ٻن ڄڻن جو پيار مليو آهي، مطلب ڇا ؟“

”مطلب ڌوڙ“ چئي شانتي پاڻ ڇڏائي وڃي اونڌي ٿي کٽ تي پئجي رهي.

پر شيام جي اڳيان هڪ عجيب پردو کلي پيو ۽ پردي کلڻ سان جيڪا حقيقت کيس نظر آئي اها ايتري ته ڀيانڪ هئي جو هو زمين تي هڪ هنڌ نظر ڄمائي ڏسندو رهيو .... ڏسندو ئي رهيو.

رات جو لڇمڻ ۽ رڪما سئنيما تان دير سان موٽيا ته شانتيءَ سندن لاءِ ٿاهيل ڪاڏو وڃي کين ڏنو. ڪاڏو رکندي شانتيءَ کي لڇمڻ ڏاڍو بر ٿيل پئي نظر آيو. شانتيءَ من جي مونجهه کي لڪائي چيو، ”ڇو پڪچر خراب هئي ڇا ؟“

لڇمڻ کارن ۾ چيو، ”پڪچر ڪير ڏسڻ ٿي ڏئي نه ؟ وٺي روئندي ته هال ۾ ڪيئن ويهي سگهبو.“

شانتيءَ رڪما طرف نهاريو ته ڏٺائين هوءَ منهن سڄائي پنهنجي چوٽيءَ ۾ تڪڙو تڪڙو ور پيئي وجهي ۽ شايد اکر چوڻ تي دکندڙ جبل وانگر ڦاٽي پوي. شانتي پنهنجن ئي سورن ۾ سڙي پيئي هئي، سو هنن جو بکيڙو ٻڌڻ لاءِ دل ئي ڪين ٿيس ۽ چپ چاپ پنهنجي ڪمري ڏي موٽڻ لڳي. پنيان ٻڌائين رڪما لڇمڻ کي چئي رهي هئي، ”توهانجي فرياد جو داد ٿيو ؟ ڪوئي دکي ٿي روئي ته به توهان کي برو ٿو لڳي.“

لڇمڻ چيو، ”روءِ ته پيئي سڄي عمر روءِ، مان ته ڦڪو پيو آهيان؛ وڃي روٽي به موٽائي ڏيئي اچيس.“

شانتي تڪڙو تڪڙو پنهنجي ڪمري ۾ هلي ويئي ۽ اڳي وانگر وڃي کٽ تي پئجي رهي. ٻنهي ڪمرن ۾ ماٺ ماٺ لڳي پيئي هئي ۽ ايڏي ته ڏکي ماٺ شروع ٿي ويئي هئي جو صبح جا روزانا ڪم ڪاريون به ان کي ضروري سوال جواب کان وڌيڪ نوڙي ڪين سگهيا. دکيل ڪالي ڇيان سپ جڻان اندر ئي اندر ڇرڪي رهيا هئا.

لڇمڻ هڪ ڏينهن، ٻه ڏينهن صبر ڪيو. پر گهرجي رونق موٽي ڪين سگهي. ٽئين ڏينهن لڇمڻ جڏهين هٽ تان آڏي ۽ ٻه مزور وٺي آيو تڏهين شيام نوڪريءَ تي وڃي چڪو هو. جڏهن رڪما ۽ لڇمڻ جو سامان کڄي رهيو هو تڏهن شانتي پنيري ٿي، دريءَ وٽ بيٺي رئي جي ڪنڊ کي ڏندن سان چٻي رهي هئي.

ڪيتري دير ڪانپوءِ جڏهن مڙي، رڪما واري ڪمري ۾ نظر ڪيائين تڏهين ڪمري جي وچتي پنن جي ٽڪرين ٽڪرين ڪانسواءِ ڪجهه ڪين هو. هوءَ ڪيتري دير چائنٽ تي ويهي رهي. سندس اکين مان جل ڌارائون وهنديون رهيون.

منهن اونداهي جو جڏهن شيام ٿڪو ٽٽو گهر موٽيو تڏهين وچواري دروازي تان پردو لٿل هو. هو سمجهي ويو ته آڪيڙو ڦٽي چڪو هو .......

(نئين دنيا ١٩٥٧)

(۵)

# چوٽ

ڪڏهين ڪڏهين بلڪل ننڍڙا واقعا زندگيءَ ڪي هڪ موڙ ٿي نئون ڏيو چڏين. ائين تہ منهنجي زندگي انيڪ واقعن سان ڀريل آهي، حيرت انگيز ۽ دردانگيز واقعا، الاهي منهنجي جيوت ۾ ٿي گذريا آهن. چو تہ منهنجي جيوت هميشهہ جل جي اُن ڦڙي جيان گذري آهي جو هميشهہ وهڪ ۾ ٿي رهيو آهي، ڪٿين آستان ڏٺا اٿس. ليڪن ڪلهوڪي واقعي جڻ اُن پاڻيءَ جي ڦڙي کي ٻرندڙ تئي تي ڪٽي اُڇليو آهي. پاڻيان پيو زندگيءَ ۾ الاهي الاهي سڃ ڀرجي ويئي آهي. الاهي آزمودا، الاهي ڏن دولت، سڀ جڻ ڪجهہ ڪينهن. اندر وينو ڪوئي لوچ مچائي، ”زندگي ان لاءِ ناهي، ان لاءِ ناهي!“ نانهن جو احساس سرير جي هر انگہ ۾ ڀرجي ويو آهي. هردي اندر ڪوئي احساس ايترو تہ ڦوڪجي پيو آهي، جو شايد چاتي ڦاڙي ٻاهر نڪري اچي. هڪڙي رواجي سڃ اندر ۾ ايڏي آسيمر روشني ڦهلائي چڏي آهي. جو سمجهان پيو، هڪ تيز تکي بلب هيئان دنيا جو گولو پيو ڦري ۽ دنيا جا ماڻهو گهر گهٽيون سڀ هڪ نئين قسمر جي سونهن پيا جتائين. ليڪن

روشني ايتري تيز آهي جو انکي روشني مڃيان يا اوندهہ، اهو فيصلو ڪري نٿو سگهان. شايد پاٽيءَ جو ڦڙو جو گرم تئي تي پيو آهي، سو جيستائين وجود وڃائي آڪاس ۾ نہ پهتو آهي، تيسين ائين ڦنڪندوئي رهندو ..... ڪاش ڪا سپ مونکي جهپي وٺي ۽ اڄ جو وجود پاتو اتم سو پاٽيءَ مان بدلجي پيو ڪجهہ ٿي پوي ... موتي، ها موتي ٿي پوي.

ليڪن واقعو رواجي آهي، بلڪل رواجي. ۽ اُنجي نائڪا بہ فقط هڪ ڇوڪري آهي، جنهن کي اڳينءَ مسافريءَ تان لهڻ وقت تہ گر سنگهر ڇوڪري ئي سمجهيو هوم. پر هن مسافريءَ تان لهڻ تي ...

ڪلهوڪي ڳالهہ آهي، جهاز مان لٿس تہ بنا ٻڌائي بنا ڇتائي وڃي چاچي روپي ماءُ جي گهر وارد ٿيس. چاچيءَ گهر پئي سهيڙيو. مونکي ڏسي وائڙي ٿي ويئي. ”ننڍڙا“ چئي جو خوشيءَ ۾ ڦولجي پيئي تہ اصل ڏهہ سال ننڍي پئي لڳي. پر جان ئي روپي جو پڇيو مانس تائين منهن جو پنو لهي ويس، ڏکندي چيائين، ”اندر وينو نئنيءَ جي چاڪري ڪري.“ ايتري ۾ روپو بہ ڪنهن ڪم سان پنهنجي ڪمري کان ٻاهر نڪتو. مونکي ڏسي وٺي نئنيءَ کي سڏ ڪيائين. ”نئني ٻاهر تہ ڏس اچي ڪير آيو آهي.“ نئني بيمارن جيان هلندي ٻاهر آئي. سندس پيلي مکڙي تي چمڪندڙ ماڪ جيان ڦهليل مرڪ مونکي ڏاڍي وڻي. چاچيءَ چيو، ”ويا هئا پڪچر ڏسڻ. ڇوڪر کي پڪچر ڪيئن آئڙي، سو اڌ ۾ ئي ٽئڪسي ڪري واپس وٺي هليو آيو آٿس.“

”اصل ۾ پڪچر هئي تمام ڏک جي.“ روپي ذرا لڄي

خود سندس ڪپڙن کي سونهن ڏيئي ڇڏي آهي. الاجي ڪيئن اڄ نئنيءَ جي هيءَ سوپ مونکي وڏي پيئي نه ته نئنيءَ جي مڱڻي وقت جڏهين چاچيءَ اچي چيو، ”مان ته ڇوڪريءَ کي سيڪاري ڇڏيندس ته وڏن گهرن ۾ ڪهڙيءَ طرح هلبو آهي.“ تڏهين کلي چيو هومانس، ”چاچي گڏهه ڇا ڄاڻي گيهرن مان.“ پر اڄ الاجي ڇو پاڻ کي غلط پيو سمجهان. ڇي ... ڇي مان ۽ غلطي ڪريان ؟ اڳي ته ڪڏهين پاڻ کي ائين ڪين سمجهيو هوم؛ پر ڇوان ٿو نه اڄ مان ماڻهو ئي پيو آهيان ...

خير ڪلهوڪي ڳالهه آهي. نئني پهرين ته ٿڪل پئي لڳي پر ٿورن منٽن اندر ئي کلڻ ڪڏڻ ۽ سڄي گهر ۾ ٽڙ ٽڙ ڪرڻ لڳي.

ڪاڏي تي ويناسين ته چاچيءَ هئنوئيءَ جو حال احوال پڇيو. مون چيو، ”چاچي، هاڻي هئنوئيءَ ۾ ڪو مزو آهي ڇا ؟ سڄي هئنوئي ڪميونسٽ ٿي ويئي آهي. ڇاجون نچڻيون، ڇا ڇا وئشيا گهر، سيڪا ڇوري پنهنجي مڙس وٽ سکي ڏسنديڻ. سختيون وري ايڏيون آهن جو ڪير پنجاهه سٺ رپئي وال وارو ڪپڙو ته پائي لنگهي؛ اصل وڃ رستي مان ئي واپس اُماڻيندس. هينئر هئنوئي صفا ويو پيو آهي ....“ ڳالهه ڪندي ڇا پيو ڏسان ته نئني هڪ ٽڪ منهنجي منهن ۾ ويني نهاري. هيءَ اها ڇوڪري هئي جا ڪنهن جي اکه ڪڻڻ تي شرم ٻوڏيءَ جيان ڇپر ڪٽي بند ڪندي هئي، سا هن طرح بي باڪ ويني هئي ! مون ڳالهه اڌ ۾ ڇڏي ڏني ته تي سوال پڇي، ”تڏهين اڳي ڇا هو توهانجي هئنوئيءَ ۾ ؟“

منهنجين اکين اڳيان اٺ سال اڳ جي هئنوئي ڦري ويئي. سڄي جسم ۾ مستي ڇانئجي ويئي. نئنيءَ تان نظر

هلائي روپي ڏانهن ڏسندي چيم، ”هيئنوئي تہ اڳي هئي جڏهين مان پهرين مسافري ڪرڻ ويو هوس. روپا ڇا تہ سونهن ملندي هئي ! اصل ٽڪي ۾ پري ملندي هئي پري ! اڙي روپا هڪڙو چڪر تہ هٽي اچين ها ......“

روپي جو اهوئي پاروتو جواب مليو. چي، ”پرين جي غريبيءَ جو فائدو وٺڻ لاءِ ؟“

”بس يار تون رڳو پرين جون مورتون چٽي ڇاڻين. اڙي سچيون پڇيون پريون ڏسين تہ ها. هٽ لائين جهڙيون پشم، وري نازڪ طبع کهڙيون رڙ ڪندين ڏجي وينديون. سڄو ڏينهن ننهن پيئون ٺاهينديون، وار پيئون سينگارينديون، بس جي سڪٽي ڏو ڏي تي بہ هنج ۾ هيون ڪرنديون. ڏاڍيون نازڪ مزاج. هينئر تہ ڇوڪريون ڪونهن پر جهڙيون وڇون. هٽ لائين تہ اکيون ڪڍي بيهنديون.......“

نئنيءَ ڏاڍي چاهہ مان پڇيو، ”پوءِ هاٽي سهٽيون ڪونہ لڳن ؟“

”ها ائين تہ انهيءَ پاسي جون ڇوڪريون ٿين ئي سهٽيون؛ اڄڪلهہ تہ پاڻ ڪاڌ خوراڪ بہ سيني کي سنو ٿو ملي، سو گهٽي انداز ۾ ڇوڪريون پاڻ ٺاهو ڪيون پيئون لڳن. پر اها نازڪ طبيعت نہ رهي اٿن، جا اکين ۾ دل ڪٽي گهمندي هئي.“

روپي ميز تي نوٽيون رکي هٿن مٿان ڪاڏي رکي چيو، ”پائي تون آخر نازڪ مزاجي چوين ڇاکي ٿو ؟“

دل ۾ چيم، ”جٽ ۾ جٽ رهجي ويو“ ۽ منهنجي بدران ماٽس جواب ڏنس. چي، ”نازڪريون هونديون تنهنجي نئنيءَ جهڙيون ٻيو ڇا ؟“

”چاچيءَ ڳالهہ پوري پوري چئي آهي،“ مون ٺهڪ ڏنو، ”نئنيءَ جي نازڪ طبيعت ڪان پوءِ تہ حد آهي. فرسٽ ييئر ۾ مونسان گڏ پڙهندي هئي. هڪڙي ڏينهن ڪاليج ۾ ٻلي مري ويئي، بس ڇوڪريءَ روئي ڪٺي رڇ پريا.“

”وچو ڇيرايو پيا،“ نئنيءَ جي منهن تي روسامو ۽ ڇپن تي ڪل هئي. چاچيءَ موڙو ڏنو، ”چرين کي نہ ڇيرائبو تہ ڪنهنکي ڇيرائبو.“

نئنيءَ جي شڪل پيلي ٿي ويئي ۽ هوءَ ميز تان گلاس کڻي رنڌڻي ڏانهن هلي ويئي.

روپي ڏاڍي لٽل ڇهري سان چيو، ”اما توکي بہ چا چوان ؟“

ڪٽ تي ليٽيل روپي ڏاڏيءَ ناس چپٽي ڏيئي ڏاڍي وشواس سان چيو، ”بابا ائين ٿيندو آهي. جن ڇوڪرين کي مائٽ لاڏ ڪوڏ سان پاليندا آهن، سي ائين ڏڪڻيون ٿينديون آهن. ڪلهہ ٽڪاڻي ۾ ڪين ارڻ نڪتو، راجا جي ڌيءَ هئي ڏڪڻي سو ڳل سگهندي بيهوش ٿي ويئي......“

چاچيءَ خارن ۾ چيو، ”بس توهان ٻنهي ڏاڏي ۽ پوٽي تہ بول بول ڪري ڪاريو اٿس.....“

نئني پاڻيءَ جو گلاس ڀري موٽي آئي. چيائين، ”ڪنهنکي کپي تہ پيئي.“ مون سندس ڪومل هٿن ڏانهن ڏسندي چيو، ”اها عنايت مان خوشي سان قبولڻ لاءِ تيار آهيان.“ ۽ وايو منڊل ۾ ٻيهر رونق آڻڻ لاءِ چيم، ”روپا هئنوئيءَ (ويٽنام) جي پاسي ۾ اٿيئي سئگان (جتي غير ڪميونسٽن جي حڪومت آهي) اتي تہ اڄڪلهہ بہ ٻن ٽن رپين ۾ فرسٽ ڪلاس سهڻي ڇوڪري تنهنجي گوڏي تي

ويهي اچي توکي شراب پياريندي ........“

مون شيشي جي گلاس مان پاڻيءَ جو ڍڪ پريو. نئنيءَ کي چپ چاپ پاڻ ڏانهن نهاريندو ڏسي مونکي خبر ناهي کيڏو اتساهہ ملي ويو. چيم، ”نئني، روپي ۾ ڪر ڪونهي نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ فرانس جو تہ هڪ ڦيرو ضرور چڪر هڻائي اچيئي. اُتي جي شئمپين ريس بہ ڇا تہ مزي واري آهي.“

”ڪهڙي ڊوڙ پائيندا آهن شئمپين ريس ۾،“ چاچيءَ مرڪي سوال ڪيو.

”اڙي ڀائي ڇا ٻڌايانوَ. پئسي وارا توهين آهيو، پر پئسو ڇا جي لاءِ آهي اها خبر ڪين اٿو. روپي تہ عمر ئي اجائي وڃائي آهي.“ مون روپي جو ڌيان ڇڪائڻ لاءِ چيو، جو الاجي ڪهڙي خواب ۾ گم ٿيل پئي ڏٺو. هو اکيون ڦاري مونکي ڏسڻ لڳو. چاچي، امان ۽ نئنيءَ جو ڌيان تہ اڳيئي مونڏانهن هو. مون کلي چيو، ”سنگمرمر جو تلاءُ سڄو شئمپين شراب سان پريندا آهن. جيڪا فرانس جي سهڻي ۾ سهڻي ڇوڪري هوندي، اصلي فرسٽ ڪلاس بيوٽي، اُنکي اُگهاڙو ئي اُگهاڙو اُن ۾ سنان ڪرائيندا ۽ ..... اُنکانپوءِ سڀ حاضرين ان تلاءُ مان شراب جا گلاس پري پيئندا آهن......“

اوچتو پٽ تي پاڻيءَ جي گرڙين جو ٺڪاءُ ٿيو. نئنيءَ اُلٽي ڪري وڌي. سندس سر چڪر کائي رهيو هو. روپو نہ جهليس ها تہ شايد هڪ ڪن ۾ ئي بيهوش ٿي ڪري پوي ها. روپو کيس ٻئي ڪمري ڏانهن وٺي ويو. چاچيءَ مٿي تي هٿ رکي چيو، ”روڳناڪ آهي ڪا.“

امان نوڪر کي سڏي چيو، ”اَچي اُلٽي ميڙي وڃ.“ ۽

مان ... مان چڻ ڪنهن بم ڦاٽڻ تي چپ ٿي ويو هوس. ٿوري دير ڪانپوءِ نئنيءَ کي ڏسڻ لاءِ روپي جي ڪمري ڏانهن ويس. نئني وهاڻي تي ڪنڌ رکي ليٽي پيئي هئي. مونکي ڏسي منهن اهڙو ڪٽي ڪيائين چڻ سندس زبان ۾ ڪنهن ڪوڙي چيز جو ذائقو اچي ويو هو. مان تڏهين به همت رکي اڳيان وڌيس. روپي پاڻ اٿي مونکي ڪرسيءَ تي وهڻ جو اشارو ڪيو.

مون نئنيءَ جي ويجهو جهڪي چيو، ”تنهنجي طبيعت ڏاڍي نازڪ آهي....!“ هن روئڻهارڪو منهن ڪري چيو، ”توهين پرشناچار جون ڳالهيون ڪندا ته اُلٽي نه ايندي؟“ ۽ يڪا يڪ منهن ٻئي پاسي ڪري ڇڏيائين.

ڪائي حسينا ان طرح منهن ڦيري ڇڏي ! ڇا انڪان وڌيڪ به ڪا چوٽ ٿيندي آهي !!

ڪيڏي مهل نئنيءَ جي ڪمري مان نڪري آيس. ڪيڏي مهل چاچيءَ بسترو وڇائي ڏنو ۽ ڪيڏي مهل هي سگريٽن جو ڍڳ سڙي رک ٿي ويو، سڀ ڪجهہ خواب پيو لڳي..... ڇا سچ پچ ئي زندگي پرشناچار ۾ گذري آهي ! ۽ هن سڄي رات جي سورن ڀري لوچ مان اندر ۾ هڪ ڪهڙو جيو پيدا ٿيو آهي جو گهڙيءَ گهڙيءَ ويلو چوي، ”زندگي گند جو ڪينئون ٿيڻ لاءِ نه ملي آهي، شيوڪ !“

تڏهين هي گل گل جو واس، هيءَ ڪلي ڪليءَ جي خوشبوءِ، جا مون پنهنجي جيءَ ۾ گهولي ڇڏي آهي، سا ڇا ڪجهہ ڪينهي !! تڏهن ڇا ڪن مجبور قيدين جو خون ئي عطر سمجهي جيءَ تي مکيندو رهيو آهيان .....

(نئين دنيا ١٩٥٨)

(٦)

# ڏاتار جي ذات !

جهڙي حالت ڪٽڪ جي داڻي جي جنڊ جي ٻن پڙن وچهر ٿيندي آهي، تهڙي حالت هئي سروج جي. ڏيراڻيءَ چيو، ”بابا تون اڃا ننڍي آهين، توکي خبر ناهي تہ جن ’ماتا‘ کي ’ڏيوي‘ ڪري نہ مڃيو، آهي تن جا ڪهڙا حال ٿيندا آهن.“

سروج ڪنڌ هيٺ ڪيو سڀ ڪجهہ ٻڌي رهي هئي. وڏي نرانس جا ٽڪڙ آئي هئي، تنهن وارو ورتو، ”ڪنوار هاڻي وري نہ اسان جي اڳيان اهي پنهنجا اڍنگا ويچار ڏيکارج. هڻي ڪٽي منهنجي ڀائٽي جي دشمنن جي ائين ائين (موت) نہ آڻي ڇڏين !“

سروج جي من کي ڇيهہ اچي ويو. بيڪسيءَ سان چيائين، ”دادي مان ڇا ڪڪي کي گهٽ گهرندي هونديس ؟“

”گهٽ نتي گهرينس تڏهين ڇا، ڏيوي ڏاتار آئي آهي تہ خوش ٿيءُ، ڪين ٻُل تي هٽ ڏيئي ويٺي آهين. ڏيويءَ کي چڙ ڪين لڳندي ؟“

ٽيئي پاڙيواريون سس ۽ ڏيراڻي سروچ جي اوجهائيءَ تي مرڪي رهيون هيون. سس چيو، ”هن ويچاريءَ کي ڪهڙي سڌ. سندس شهر ۾ اول ندي هجي به نه.“

ڏيراڻيءَ ڦوڪجي چيو، ”سو سمنڊ ڪونهي ڇا؟“

هڪڙي پاڙيواريءَ چيو، ”سمنڊ مان ڏات ڪيئن ونبي؟“

ڏيراڻي وراڻيو، ”اوجهو هيءَ آئي آهي ٻي ڇري ...“

ساڳيءَ پاڙيواريءَ چيو، ”بابا مان ته بامبي ۾ هئس تڏهين جو منهنجي گلڙيءَ کي مائي نڪتي ته مون ته نڪو ٻيلرا پريا، نڪي لولا پچايا.“

ٻيءَ پاڙيواريءَ ڳل تي هٿ رکي چيو، ”منيس! تڏهين چنڊو به ڪونه وڌو هونديءِ!“

”چنڊو وري ڪهڙو! بسڪيٽن جو پڙو ڪولي ڪٽي اکڙيون ٽڪريون ڪيون مانس. پري جا بسڪيٽ ته ضرور اڳي جا هوندا، ڪو انهيءَ ڏينهن ٿورئي بڻيءَ مان ڪڍيا هونداٿون ....“

”۽ ٿڌو رکيئه؟“

”ٿڌو توهين وري ڪهڙو رکنديون آهيو، صبح سانجهيءَ ته گرم چانهه پيئنديون آهيو.“

”ڏيراڻيءَ ڏاڍي تڏڪي سان چيو، ”سو اسين پل ڇڪ جا ڏهه آنا يا سوا رپيو ڪونه ڪڍنديا آهيون ڇا؟“

سروچ هن گفتگو کي ڏاڍي چاهه سان ٻڌي رهي هئي. مرڪي چيائين، ”پوپ جي معافي نامن وانگر، هتي به ديوي ماتا ١٠ آني يا سوا رپئي ۾ پل ڇڪ معاف ڪري ڇڏيندي

آهي ڇا ؟''

سس ڏاڍي ڪڏائيءَ سان ننهن طرف ڏٺو. ڪيس ائين پئي لڳو ڄڻ هيترو وقت ننهن هڪڙيءَ ڪئمپ ۾ هئي ۽ سندن سڄي ڪٽ ٻيءَ ڪئمپ ۾. هاڻي جو هڪڙيءَ منجهانئن ئي ٻي طرفداري ظاهر ڪئي هئي ته سس کي ائين لڳو ننهن ذرا خنڪيءَ ۾ اچي ويئي آهي. انڪري آواز وڏو ڪري ڄڻ سيني کي نيچو نوائيندي چيائين، ''اڄ ڪلهه جي ڇوڪرين جا اهي افعال ٿيا آهن تڏهين ته ملڪ تي ڳ هٽيون آپدائون ٿيون اچن نه. جيترو پڙ تيترو پڙ.''

بسڪيٽن تي چنڊو وجهڻ واري پاڙيواريءَ وڏي واڪي جي حملي کي تنهن ڪان وڏي واڪي سان روڪڻ ٿي چاهيو، پر ''اڇا پئسن تي به ڪڏهين معافيون ....'' چيائين ته سروج ڪڪل کي ڪٽي ڳود ۾ رکيو ۽ ڏاڍي انتظاريءَ سان چيائين، ''ڇا ڪبيئي ؟''

ڪڪل جيڪي آهستي چيو، سو ته ٻين به ٻڌو پر سروج پنهنجي شادي جي عرصي ۾ اڄ پهريون ئي ڀيرو ساهرن تي حڪم هلايو، سو به نيزاريءَ سان چيائين، ''امي ڪڪل پاڻي ٿو گهري.''

سس ڏاڍي خوشيءَ سان وڏيءِ ننهن کي چيو، ''هائو هائو. پاڻي ڀري ڏينس. پاڻي جيترو پيئي، اوتري گرماش ٻاهر نڪرنديس.''

ڪڪل پاڻي پي اکيون کوليون. سروج چيو، امي اکين ۾ به ٻه ٻه ڳاڙها داڻا اٿس.''

ٻن چئن ڄڻين ڳڏجي اچي ڪڪل جون اکيون ڏٺيون.

هڪڙيءَ تہ چپ ڦڏا ڪيا ۽ ڪڪل جا هٿ ڪولي ڏٺائين تہ ڪن داڻن ۾ هلڪو پاڻي بہ پريو هو، سو چيائين، ”بس ڏات بہ اچڻ شروع ٿي آهي.“

سروج هراسجي چيو،”سيني داڻن ۾ تڏهين ائين ڏات پرجي ويندي ؟“

”نہ تہ ڇا ؟“ سس ڏمڪ سان چيو.

”اڪين وارن داڻن ۾ بہ ؟“

”وري داڻا ڇيئہ ؟ چيو ماڻ ءَ گل ڇئہ، پاڻيهي ڏيوي ڏاتار مهر ڪنديس.“

۽ ڳائڻ لڳي :

”ڪڪل اٿيئي ماتا، ننڍڙو ٻار،
تنهن تي وجهجانءِ هلڪو بار.

هڪڙي ڄڻيءَ ڪڪل جو پيٽ ڪولي ڏٺو تہ ٿورا هلڪا ڳاڙها داڻا هئس. چيائين ”ڏاري ٽاري نڪتي اٿس مائي. ماتا آهي مهربان. سڀ ٽي جاٽي. ابوجهن تي بار ئي ڪين وجهي.“

سروج ڪڪل جي پني ڪولي ڪڻي تہ ماتا ڏٺي تہ يڪساهي ٽن ڄڻين جا هٿ ڪڇي ويا - سروج هراسجي ويئي.

ڏيرانيءَ چيو، ”پوت تہ ڪونہ لڳو اٿيئي. پني ۽ پير، ماتا جو ڪڏهين نہ ڏسجي.“

بسڪيلن ڪارائڻ واريءَ چيو، ”پوت پوت تہ نہ چئوس. ويچاري ڏيويءَ واري آهي.“

سروج پنيءَ ڏسڻ واري پيڪ تي ڪومائجي تہ ڏاڍي ويئي هئي، باقي بہ هنن همدرديءَ جي اکرن تي تہ سندس

ارمان، پاڻي تي نڪتو. اکيون پرجي آيس. ڳچيءَ وٽان رومال ڪڍي ڳوڙها اُگهڻ لڳي تہ سس ڏاڍائيءَ سان چيو، ”روئجي چا لاءِ ٿو. هي تہ ڪجهہ ڪونهي. اسان ماين جا اهڙا ڏاڪڙا لنگهايا هوندا، جو چا چئجي ! پارن کي هيئن هٿن تي کڻي وينا هوندا هئاسين. اکين ۾ راتيون گذاربيون هيون. هينئر مائيءَ جو مان آهي ڪٿي ؟“

بسڪيٽن تي چنڊو وجهڻ واريءَ چيو، ”مائيءَ جي مان جي ٿوريئي ڳالهہ آهي. اڳي وانگر عام جام مائي نڪري بہ ڪانہ ٿي. شهر ۾ تہ اجا کهڙي کي مائي نڪتي تہ سڄي پاڙي ۾ ٽڪا هٽي ويندا آهن. هونءَ بہ ٽڪن جي ڪري وڏي مائي ڪا ايڪڙ ٻيڪڙ ٿي نڪري.“

سروج هينئين چپ کي چڪ وجهي اُٿندڙ دک جي لهر کي اکين مان هاري ڇڏيو.

نران چيو، ”سو روئين چو ٿي ؟ تو جهڙيءَ اپوجهہ تي مائي پاڻيهي رکي رکپال ٿيندي. رڳو ڏيوي ڏيوي ڪر. ٻچ ٻچ اصل نہ.“

سروج هاڻي سچ پچ ئي ڊجي ويئي. ڪکل کي ننڊ کڄي ويئي هئي. اُٿرڪندي چيائين، ”سؤ هڪ، سؤ ٻہ ...“

سروج جي ڪرنگهي مان ڊپ جي لهر ڊوڙي ويئي. سچو ميڙاڪو ڏيان ڏيئي ڪکل کي ٻڌڻ لڳو. مگر هاڻي ڪکل چپ هو. سروج سندس نراڙي چمي کيس وهاڻي تي کڻي ليٽايو.

پاڙيواريون وڃڻ لڳيون. پاڻ ۾ ڳالهيون ڪنديون ٿي ويئون. جيسين در کان ٻاهر وڃن تيسين سروج جو ڪن انهن

طرف هو. هڪڙي ٻيءَ کي چئي رهي هئي، ”تو تہ ماتي عجب جهڙي ڳالهہ ٻڌائي آهي. چي، بسڪيٽن جي پڙي تي چندو وڌم...“

جواب مليس، ”اڳي ٿڌو شايد انڪري ٺاهيو هوندائون جو ماڻهو ڪائيون ٻاريندا هئا گهر ۾. ويهہ ويهہ ڄڻا رهندا هئا. تن جي ڪاڏي رڌڻ ۾ گهر ۾ تپت ٿيندي هوندي ۽ مائي تہ درشن ڏيندي ئي گرماش جي ڪري آهي. انڪري چوندا هوندا هڪ ڏينهن لاءِ گهر سڄو ٿڌو رکجي.“

سروج جي سس جو بہ ڪن هنن ڏانهن هو تنهن چيو، ”چوڪري ڪل تہ ڪانہ ٿري اٿيئي، مائي گرماش جي ڪري درشن ڏيندي آهي ؟ ڏيوي جنهن تي مهر ڪري انجي گهر اچي....“

سروج چيو، ”ائين تہ امي مون پڙهيو آهي تہ وڏيءَ ڪنگهہ کي بہ اڳي ديوتا جو قسم چوندا هئا، پوءِ هاڻي تہ اها بيماري ليکيندا آهن.“

سس هٿ کڻي ڪراهت سان چيو، ”مائي رام ڇئي رام. ڪنگهہ جي تہ ڪا دوا ستي آهي، هنجي آهي ڪا دوا ستي ؟“

”امي ائين تہ ڪنهن وقت سلهہ جي بہ دوا درمل ڪانہ هئي. هاڻي دوائون نڪتيون آهن تہ سلهہ بہ ڇليو وڃي.“

”اَما مان ٿي جوڙيانءَ هٿ. مائيءَ جي چوڏول تي ويهي اهڙا اکر تہ نہ ڪڍ. مائيءَ جي جيڪو دوا ستي ڪري ان سان مائي اهڙو وڙهي، جو دشمنن جون اکيون ٻکيون ئي الاجي ڇا ڪري ڇڏي....“

سروج جا روم روم ڪڙا ٿي ويا. سمجهڻ سمجهائڻ واري سروج پرم جي انڌڪار ۾ وڪوڙجي ويئي. بس، مائيءَ جو اوراڻو شروع ڪيو ته سڀ ڪا وڃي پنهنجي ڪم ڪار کي لڳي. سروج اوراڻو پئي ٻڌو ته سندس من وچي سنجها سمي واري ڌنڌيل وڻندڙ وايو منڊل جو واسي ٿيو، جتي جبل ڦاڙي ڪالڪا جي مورتي نڪتي هئي. انجي اڳيان ڪيترا پوڄاري جهولي رهيا هئا. ڪڏهين ماڻهوءَ جي ٻل پئي چاڙهي ويئي ته ڪڏهين ٻڪرين جي سر پئي وهائي ويئي. مٿي تي ٻيلرا ڪٽي ڪيتريون زالون اوراڻو ڳائينديون. ندي طرف پئي ويئيون. پڳڙيون ٻڌل ڳوناٽا ڳڏجي ڇيڇون وجهي رهيا هئا. سروج اهي نظارا پسندي الاجي ڪيڏي مهل سمهي پيئي.

صبح جو اُٿي ته ڪڪل جاڳي رهيو هو. اٿي ڪيس چميائين ۽ سندس ڳل ۾ هٿ ڏسي خوشيءَ مان چيائين، ”دادي!“

نرانس وار سنواريندي اُٿي ويئي. سروج چيو، ”دادي ڏسو ته اڄي اکين ۾ نشو به گهٽ اٿس. مائي به چئي گهٽيل پيئي لڳي ...“

نرانس اُٿي سندس ڪٽ وٽ اچي چيو، ”تون سڌرنديءَ ئي ڪين بابا نشو نه، مئه چئبو آهي. مائيءَ کي گهٽيل نه، موت ڪاڏل چئبو آهي. شهر ۾ رهي ٻار چوڪريون ئي چٽيون ٿيون پون.“

سروج ڪڪل جو پيٽ اُگهاڙي ڏنو.

نران هڪل سان چيو، ”هاڻي وري نه پني ڏسجانس.“

۾ ماءُ کي سڏ ڪري چيائين، ”اما ڪڪل جي مائيءَ ته موٽ به ڪاڏي آهي. شايد ننڍي مائي هئي.“

سس ڏڏ ولوڙڻ اڏ ۾ چڏي اچي جو ڪڪل جا هٿ ڏنا ته چيائين، ”چتيون چو اچي ٿيون آهيو. مائي گهٽيئي رنگه ڏيکاريندي آهي. اهي سندس آزمائشون آهن. ڏسڻ ٿي چاهي ته اسانکي سندس لاءِ ڪهڙو صدق آهي. اچا موٽ ڪاڏل نه سمجهو. مون به اُس ۾ اچا ڪين آندا آهن. ترين تي ايندي ئي وڏي ماتا آهي.“ سروج جو مکڙو ڪومائجي ويو.

ڏينهن چڙهيو. پاڙيواريون سڀ پنهنجي پنهنجي ڪم ۾ رڌل هيون. سروج من ئي من ۾ پرارٿنائون ڪرڻ لڳي ته شل نه وري اهو اٿالو اندر اچي. ڪڪل کي لوڻ پاڻيءَ جون گرڙيون ڪرائي چانهه ڍڪ پيارياين، هنڌ صاف ڪري اگ ربتيون ٻاري چڏيائين. ڪڪل گرمي ۽ خارس سبب ٿورو ڪجيو پئي. سروج گهڙيءَ گهڙيءَ کيس پاڻيءَ ڍڪ پياريندي ٿي رهي. ڪڪل پيٽ ويهي آيو ته ڏاڍو ڦڪڙو ٿي پيو. پوءِ سروج جي من جا طاق بند ٿي رهيا. سندس چهرو لٿل هو، اوراڻي جون ڪي ڪي تڪون دهرائيندي، پٽ کي مهٽي رهي هئي. نيرڻ ڪرڻ ويني ته گرهه ڪين ٿي نڙيءَ کان لٿس. پوري ١٢ بجي سروج کي ڪنهنجي صورت دروازي ۾ بيٺل نظر آئي. جڏهين وڏي ڪجهه سندس ويجهو آئي، تڏهن يڪا يڪ سندس مک تي مرڪ ڦهلجي ويئي. چيائين، ”توهين اچي ويا ؟ ”تو تار جو ڪئي، بمبئيءَ ناسڪ کان پري ٿوري ئي آهي ؟“ سروج جي پتيءَ چيو. سروج جي اکين مان لڙڪ لڙي پيا. اُچل سان اچي پتيءَ جو هٿ وٺي پنهنجي

نراڙيءَ کي چهايائين. ڪانئس سڏڪو نڪري ويو.

جهنو سڄي حال کان واقف ٿي يڪدم ڊاڪٽر کي وٺي آيو. ماءُ ٻاڇائي نران سڄو ٻاڙو ڪمر ڪري صفحي جي هڪ پاسي ڪڙو ٿي بيلو. ڪنهنکي جريت نہ ٿي جو ڪٽي ڊاڪٽر گهرائڻ جي مخالفت ڪري.

ڊاڪٽر چيو، ”نندي ماتا آهي. هيءَ دوا ڏجوس تہ پس نہ پربس.“

ڊاڪٽر جي وڃڻ کانپوءِ ماءُ پٽ کي چيو، ”دوا ڪيئن ڏيس، هيءَ تہ ڏاتار جي ڏات آهي.“

”اما تون بہ ڏاڏي آدم جي زماني واريون ڳالهيون پيئي ڪرين. مان ڪري ويهي ڏاتار جي ڏات جا رنگ ڏس.“

سروج وڏو ڏکهو ساهہ کنيو. پتيءَ کي چيائين، ”اڄ توهين نہ اچي پهچو ها تہ منهنجو تہ شايد دم ئي گهٽجي وڃي ها.“

ڪمري جي هڪ پاسي جيڪا سنسن پرمن واري هارايل دنيا کڙي هئي، تنهن مان هڪ جٽيءِ چيو، ”مائي، دم چو گهٽجي ئي ها اسين جو وينا هئاسين.“

سروج کان کل نڪري ويئي.

(نئين دنيا ١٩٦٢)

(٧)

# ”لکي ڏي !“

چنڊڙا، تون اڃا بيلو ڪلين ! شايد تون اها ڳالهہ ٻڌي ئي ناهي. ڀلا، ٻڌي بہ ڇا ڪندين ؟ گهر جي ڀتين تي ٻڌي، پوءِ اهي ڇو ڪين لڏيون ؟ جنهن وقت ٻنهي ماءُ-پٽن گڏجي ڇڏي هئي، اها ڳالهہ، تنهن وقت هوا بہ تہ زور شور سان پئي ڦري گهري، پوءِ بہ چڪ کي منهن ۾ ڦهڪائي هلي ويئي !

مگر نہ، چنڊ، تون اهڙو ناهين؛ تون ٻڌين ها تہ ضرور روئي وجهين ها. هيترا سال جو تو سان رهاڻيون ڪيون اٿم، سو ڪو تہ ناتو ٻڌجي ويو هوندو ! مگر، ڪيئن چئجي، شايد گڏ رهڻ سان بہ ناتو نہ ٻڌبو آهي.

هاءِ ائين بہ شايد ٿي سگهندو آهي، نہ تہ ڀلا هاڻي ڪيئن چونم ها تہ ”لکي ڏي !“ هڪ-ٻن سالن جو ناتو تہ ناهي هن سان ! هوءَ راهہ شاهد آهي .... چوڏهن سال اڳہ ڪهار ڏولي کڻي پئي آيا، تڏهن هن راهہ منهنجيون سڀ من مستيون ٻڌيون هيون. ڪيڏي پئي ڪل آئي ان مهل،

انگ انگ ٿي نريو ! پيرن جي آڱرين تي زيور، هٿن جي آڱرين تي منڊين جا وڪڙ، ٻانهون، ڳچي، ...... پر مان تہ نڪ جي هيري جي چمڪ تي ئي موهت ٿي پيئي هيس ! تازي ٽوپيل نڪ سور بہ ڪيڏو پئي ڪرايو، پر نئين ناتي جي خوشي ڪا هئي ! کهڙي سکي هئي، جنهن منهنجي سڄڻ جي سونهن جي ساراهہ نہ ڪئي، ويندي ائين بہ چئي وينيون تہ ”هھڙو گهوٽ سهڻو اٿس، سو ٻار بہ جهڙا پرين جا ٻچا ٿيندس !“ هئي تہ عجيب ڳالهہ؛ شام تائين جا ڪنيا هئي، سا ويڌيءَ تي ويهڻ سان ئي امڙ بڻجڻ جي لائق عورت ٿي پيئي !

مگر عورت ٿيندي ڪيڏو فڪر هو ! - ايترو ئي وڌو، جيترو اڄ پيھر موٽي ڪنيا ٿيڻ جي بيوسي آهي. ڪهارن جو هلڻ ڪيڏو ڏيمو ٿي لڳو. اهو ڳوڙهو هٿ جو ويڌيءَ تي ڏنو هوم، ان جي چانديءَ جهڙي ڇهري واري مالڪ کي ڏسڻ لاءِ ڪيتري نہ بيتاب هئس. سوچيم، ”سوني هوندي اها مهل !“ مگر اها مهل آئي ڪانہ ۽ جڏهن آئي، تڏهن بہ سوني بڻجي نہ آئي. پتيءَ امتحان ڏنو، پوءِ آئي اها مهل. شاديءَ کي پورا چاليهہ ڏينهن ٿي چڪا هئا. ايتريون راتيون ڪنهن جي قدمن جي اهٽ ٻڌڻ لاءِ ڪن پريشان رهي رهي. نااُميد ٿي چڪا هئا.

ليڪن هاءِ ڙي ناريءَ جي بيوسي ! پوءِ بہ جڏهن قدمن جي آهٽ آئي، تڏهن، ڪن سرلا ڪري، منهن ڍڪي، سڌي ٿي وينس. هن منهنجو گهونگهٽ مٿي ڪنيو. اُها مهل، اُها

گهڙي اچي پهتي هئي. لڇ پرين اکين پورو ديدار ڪرڻ به نہ ڏنو ! الائي ڇا ٿي ويو ان گهڙي کي !

”ننڊ ڪانہ ٿي اچيئي ؟“

اهو بہ ڪو پلا سوال هو ! مان ڪٿي اٿپڙهيل هيس، تہ بہ ڪيترين ساهڙين کان اهڙيءَ گهڙيءَ لاءِ سوال جواب پڇي رکيا هئم. ۽ هن پلا ڪنهن ڪتاب ۾ بہ ان کان سهٽي ڍنگ جي ڳالهہ نہ پڙهي هئي ! مان پلا ڇو چوان تہ ”ننڊ ڪانہ ٿي اچيم ؟“ چاليهہ راتيون ڪهڙي ننڊ آئي هئي جو اڄ ايندي هوندي. پر مان ڇو ڪيس ٻڌايان ؟ ڪٿي ڪنڌ ڌوڻيم. بس هو پوئين پير هليو ويو ! ويندي ويندي چوندو ويو، ”سمهي پئہ.“

ڪاش، ان گهڙيءَ انهيءَ سمهي پوڻ جو مطلب سمجهي سگهان ها ! تن بدن ۾ آگ لڳي ويئي. در جي ڇپپات وٽ بيهي، جيڪي ٻڌم، تنهن تہ ساري سگهہ ستيائي ڪڍي ڇڏي : ”هر ڳالهہ ۾ ضد ڪندي آهين، آما ! پهرين ڇيئہ ننهن ڪپي، هاٿي ... بس بس، مونکي هاٿي مٽڪ جو امتحان ڏيڻ ڏي.“

”هاءِ، رام ! اڃا بہ اوسيڙو ڪڏٺو پوندو !“، سوچيندي سوچيندي، دماغ پاڳل ٿي رهيو هو. ڪيترا ڏينهن تہ اکين مان ڳوڙها ئي نٽي سڪا. عزيز خويش رحم کائڻ لڳا. ان رحم جي پلئہ کي پيار جو پلئہ سمجهي، ڇڪي، ان ۾ پاڻ ويڙهي ڇڏيم. وري بہ کلڻ ڪڏڻ لڳيس ۽ اميد جي ڏيئي جي وَٽ کي بہ ڏينهون ڏينهن اڳتي سوريندي رهيس. سکيون سرتيون

سچي هئي منهنجي هڪ سکي، جنهن چيو هو، ”جڏهين پٽي پڙهي تيار ٿيندو، تڏهين تنهنجا اوسيڙا اوجاڳا سمجهندو به ڪونه!“ پر مان جو چري هيس ... هيترو سندر، هيترو پڙهيل انسان، ڪڏهين منهنجين قربانين کي سمجهي نه سگهندو، اهڙي ڳالهه ته دماغ ۾ ويهي ئي نه پئي سگهي!

ڪل نه، چند ا ڏاڍو وڏو ڏک آهي هيءُ. خبر ناهي ڪهڙن ڪنن سان سس جا اکر ٻڌم: ”لکي ڏي!“ ۽ اکيون ڪٽي جو پٽيءَ ڏانهن نهاريم، ..... هاءِ، هن به ائين ئي چيو، ”لکي ڏيندينءَ، تڏهين ئي ٻي شادي ٿي سگهندي!“ مري چو نه ويس ان مهل! ساري پرٿوي اچي لڏي: اکين جي درياءُ ۾ هر چيز کي لڏندو ٻڏندو ڏٺم، پر نه سمجهي سگهيو ڪوئي هيءَ پيڙا! هڪ سکيءَ ليلا - چنيسر جي ڪهاڻي ٻڌائي هئي. ليلا کي ته سيڪي مليل هو پٽيءَ وٽان. هن پٽيءَ جي آزمائش ٿي لڌي: هڪ وڏو ڀرپور وشواس پٽيءَ جي راهه ۾ اچلي، ڪلڻ ويهي رهي. هاءِ للڇي ويئي ا روئي موئي، مون جيان!

مگر هيءَ هئي سس ا ناريءَ جي ويدنا، ناري به نه سمجهي! جڏهن پٽي پڙهڻ ۾ مشغول هو، تڏهن سس کان اسڪول وڃڻ جي موڪل گهري هيم. هن ڀرون تاڻي چيو هو، ”وڏن گهرن جون نهر به ڀلا اسڪول وينديون آهن؟“

- ته وڏن گهرن جون نهر فقط ٻل چاڙهيون وينديون آهن؟

اڙي چنڊ، ڇا لکي ڏيان هن سس کي ؟ اهو، تہ منهنجي موهہ جو ٽڪرو ٻيءَ ڪنهن جو ٿي وڃي ! ڪاش ڪيس هڪ ڌيءَ هجي ها، ۽ انکي سندس پٽي چوي ها، لکي ڏي پنهنجي نني‍ڙيءَ پونجيءَ جي وصيت !' ان مهل ماتري هردو ڏري پوي ها، پڙڪي چوي ها، 'نہ لکي ڏج ! اصل ڪجهہ بہ نہ لکي ڏج ! جنهن انسان تنهنجي زندگي برباد ڪري ڇڏي، تيڻ ڏي ان جي جيون کي بہ برباد !' مگر مون لاءِ ڪيئن ٿو ڪوئي ائين چئي سگهي ؟ ماءُ جا ڪانهيم ! هيءَ تہ ٿي پنهنجي اولاد جي ماءُ ... روز گروءَ جي اڳيان مٿو ٽيڪي جا سڀ پاپ ڌوئي ايندي آهي. سا مون لاءِ ماءُ چو، پوتنا چو نہ ٿئي !

چنڊ، مان ڏاڍي ڪڙي ٿي پيئي آهيان نہ، نہ تہ هن سس لاءِ ايترا ڪڙا لفظ چو ڳالهايان، جنهن ڳالهہ ٿي ڪئي تہ سندس شاديءَ جي پورن ڇهن مهنن کان پوءِ، جڏهن چوٽ تي بيٺلي پنهنجا واسينگ سڪائي رهي هئي، تڏهين اڇي پڏاياڻونس تہ سندس پٽي ٿي ويو جهنگل جي هڪ چيتي جو شڪار ! بس، هڪ ٻالڪ جي سهاري ڪاٽي ڇڪي آهي زندگي هيءَ عورت، جا هئي ساري ڳوٺ جي سونهن. وهم ويڙهي ويس تہ سهڻي عورت ڀاڳ هيڻ ٿيندي آهي، ۽ سڪ پائي ورتائين سانوري ننهن. مگر سانوريون بہ ڀاڳ هيڻيون ٿي سگهنديون آهن. سهڻي سس پٽيءَ کانپوءِ ڏهاڳہ ڏٺو، ۽ مان .... پٽيءَ جي جيئري ڏسڻ واري هيس ....

هاءِ، چنڊ، توکي ڏک ٿو ٿئي هي سڀ پڙهي ! تڏهين

ساري عالم کي باھ ڏيئي ڇڏيان. اھا سيج جا ڪڏھين منھنجي نہ ٿي سگھي، ان کي ساڙي رک ڪري ڇڏيان، ۽ مٿان ھاري ڇڏيان ان تي ڪومل ناري جو خون، جا اڄ منھنجي اندر گُھٽو ڪائي مرندي. اڄ ھڪ وڏو خون ٿيندو، ڪوملتا جو، مڌرتا جو خون. پلي لڪي وڃ بادلن ۾، نہ ڏسج اھو خون ! ڏس، تارا تہ اچا بہ الڙ ٻالڪن جيان پيا کلن. پڇن پيا، ”تون ھڪ، ھن برھمانڊ ۾ آھين ئي ڇا ؟“

ھائو، مان آھيان ئي ڇا، نہ تہ ڪيئن ھڪ اٽپڙھيل کان ”لڪائڻ“ جي ڪو ھمت ڪري سگھي ھا ؟ لکي تہ ڪي ڪين ڇاٽان، ھائو، آڱوٺي جو نشان وٺندا مون کان، سڌيءَ طرح نہ ڏيندس تہ اٽسڌي طرح مجبور ڪندا. پوءِ ٻن روٽين کان محروم ڪري، شايد گھر کان ھڪالي بہ ڇڏين. ڪجھہ عزت بچائڻ لاءِ، ڪجھہ بک مري، شايد آڱوٺي جو نشان ڏيئي بہ وجھنديس. پر انصاف کي ڇو ائين ڪوڙو آڱوٺو ڏيکاري ئي شيطان ھميشھہ دوکو ڏيندو رھندو، ۽ چنڊ، تون آسمان تي ائين ئي چمڪندو رھندين ؟

نہ چنڊ، نہ مان مري ملڇي ويندس ! ٽيھن سالن جي تہ اڃي ٿي آھيان. ڪيڏن ارمانن کي گھٽا ڏيئي جيئندي رھي آھيان. بک کي بہ گھٽو ڏيڻ جي ڪوشش ڪنديس، پر آڱوٺي جو نشان ڪين ڏينديس. ڪوڙ کي سچ مٿان سوڀ پائڻ ڪين ڏينديس ! ھو دروازي کان ٻاھر ڪڍي ڇڏيندا نہ ؟ ھا، ٻاھر بہ لڪرنديس. شايد چري ٿي پوان، رستن تي ڦرندي رھان .... ڪئين چريون ائين ڦرنديون ڏليون اٿم، جن جي

احساس کي نہ سمجھي، دنيا کين ان ڪڙي تي پهچائي چڏيو آهي.

چنڊ، پوءِ بہ تون ماڻهن جي دلين ۾ روشني ڪين ڦهلائيندين ؟ چئہ، مان ڇا ڪريان. سچ جو گلو گهٽجڻ ڏيان ؟ سچ کي تہ مون هميشهہ تنهنجي ئي روپ ۾ ڏٺو آهي - پيارو پيارو، چمڪندڙ ۽ روشن. توسان ڪيڏيون ڳالهيون ڪندي آهيان. جڏهين هو مسافريءَ تي هليو ويندو آهي، يا هيٺ پدري ۾ ڪوئي حساب ڪتاب پيو سنڀاليندو آهي، تڏهين مان توسان ئي تہ ڳالهيون ڪندي آهيان. ٻيو ڪير آهي منهنجو هن سڄي منجهہ ؟

نہ، چنڊ، مان تنهنجو گلو گهٽجڻ نہ ڏينديس. نہ ڏينديس آگولي جو نشان ! پر، چنڊ، هاڻي هوءَ دنيا منهنجي رهڻ لاءِ ناهي ... ليڪن ائين ڇو ؟ ٻي ڏوهي ائين مري وڃن، مون وانگر ارمان گهٽي گهٽي جيئن، ۽ هڪ ڏينهن پاڻ کي بہ گهٽي ڇڏين ؟ ڪڏهين تہ انصاف جي تارازي بہ ڪٽي بيهہ ! بس، وس وارا ائين بيوسن کي ڏوهي ٺهرائيندا ڦرن ؟ نہ، چنڊ، اهڙو عالم بدلائي ڇڏ. ڪٽي اچ پنهنجي سهائي، آرپار انهن ڏاڍن جي هردن اندر ڪر اچي چانديءَ جو ڪومل، سيتل پرڪاش !

(نئين دنيا ١٩٦١)

# (٨)

# روشني

منهنجي نالي ۾ زندگيءَ ۾ ايڏو ضد ڪيئن آيو، سمجهي نٿا سگهان!

سچو نالو "خوشحالي" اٿم، پر ننڍي هوندي جو سڀئي ڪي ڪلائيندي هئس، سو سڀئي سڏيندا ئي "کوشي" هئا. ليڪن زندگيءَ جي غمن ڪيئن نه نالي کي ئي لٽائي وڌو آهي! چاهيم ته ڪنهن کي به ڪجهه نه ٻڌايان، هرڪو روئي پوندو. پر ٻئي جي دک ۾ روئڻ سان سک ئي ملندو آهي. ڇئن سالن ۾ ڪڏهين ڪنهن کي به احوال ڪين ڏنم، ليڪن اڄ ته ڇوان پيئي جيڪر سڀ جهان اڳيان دل کولي رکان. شايد ڪلهوڪي ننڍڙي ڳالهه ئي هن اوچتي ڦيري جو ڪارڻ آهي.

ڪلهه منهنجي جهوني ساهيڙي سروج آئي هئي. الا! ڇوڪري ڪيترو نه بي آرام ڪري ويئي اٿم. پراڻي ڦٽ جي ڪڙي اڌ کلي ڪري ويئي آهي.

شام جا چار لڳا هئا. رنڌڻي ۾ چانهه پئي ٺاهيم، جو اوچتو در تي کڙڪو ٿيو. در کوليان ته ڏسان سروج. مان وَهسي

ڪري رهي هئس. هو اميءَ واتان منهنجي موٽائيءَ جو ورنن ٻڌي مات ٿي ويو هو. ”اڙي ڀائي ڇڏ ماضيءَ کي، ٻه منٽ مونسان ته ويهي ڪي سک سپنا لهه.“ سروج جي هن موهه ڀرئي سڏ تي مان مجبورن گهر مان موٽي آيس. چيم، ”هيڏن سالن کانپوءِ توکي منهنجي خبر ڪيئن پيئي سروج.“

”ڪلهه اوچتو لوڪل ٽرين ۾، تنهنجي ڀيڻ گڏجي ويئي. ڳالهه ڪيائين ته تون ڪٿي نڪرندي ڪندي ڪين آهين. تڏهين يڪدم سنيري تو وٽ هلي آئي آهيان. هتي ته جنهن وٽ وڃ سان گهر ۾ ليٽئي ڪانه. ويچارين جو ڏوهه به ڪونهي. ماڻهوءَ کي سوسائٽي ته کپي. سنڌ ۾ ته سڄا پاڙا ويڙها سنڌي هوندا هئا، سو ڇڻ ڪوسن هنڌن ۾ لڪا وينا هئاسون. سيءَ جي ته ڇڻ ڇاڻ ئي ڪين هئي. مگر هينئر ته سيڀ ڪو ڪو ٿي ويا آهيون. ائين پيو لڳي ڇڻ من ۾ هڪ ڪوٽ ٿي پيئي آهي.“

”ڪوٽ!“ مون اوچتو سکيءَ جي ٻانهن کي جهلي چيو، ”سروج، ڪوٽ اکر پورو پورو ٿي چوين. منهنجي دل ۾ اها ڪوٽ آڪاس جي پولار کان به وڏي آهي.“

”سو وڏي ڀلا ڇو ڪين هوندي،“ سروج منهنجي اڳيان سرڪي آئي، ”گهر ۾ هڪ ئي ڪمرو تنهن ۾ وري پارٽيشن لڳل به نه هجي، جو اڪيلائيءَ ۾ ويهي پتيءَ سان ئي سک دک ونڊي سگهجي ......“

مونکي ڏاڍو عجب لڳو، جو سروج ڪن ٿورن منٽن اندرئي، منهنجي جيون کي ايتريءَ باريڪيءَ سان ڏٺو هو. مون چيو، ”سروج، اميءَ کي شڪ آهي ته مان وجهه ملڻ تي

پتيءَ سان سندس شڪايتون ڪنديس. پر سچ پڇين، مان ته جيڪر پتيءَ سان سندس هڪ به شڪايت نه ڪريان. ڇاڪاڻ ته، مونکي پتيءَ سان ڪلندو گهمندو هوءَ ڇو ڪين ٿي سهي سگهي. ويچاريءَ پنهنجي حياتيءَ ۾ پتيءَ جو سک فقط ڪي مهنا ئي مس ڏٺو هو. مان ته ڪيس سکي ڏسڻ لاءِ سڀ ڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. مگر سمجهي نٿي سگهان ته پنهنجي سچي سرير جي چنچلتا سڪوري ڇڏڻ کان پوءِ به، ڪنهنکي راضي ڇو ڪين ٿي ڪري سگهان. هاڻ ته پتي به الاجي ڪئين ڪوهن جي دوريءَ تي وڃي پهتو آهي .....''

سروج منهنجي اکين اندر ڦهليل اُداس ماضيءَ کي ڏسندي خود به اُداس ٿي ويئي. سندس اکين مان آنسو ٽپڪڻ لڳا. چيائين، ''خوشي، تو ٻين کي خوش ڏسڻ جي موهه ۾ پاڻ کي دکي ڪري ڇڏيو آهي ! منهنجي صلاح مڃين ته ڪجهه وقت پتي سان ڪٿي ٻاهر هلي وڃ.''

مونکي ڪل اچي ويئي. سروج جي اکين وارا آنسو ڳلن تي وهي آيس. ''خوشي، تنهنجي ڪل به ڪيڏي نه نبل ٿي ويئي آهي، ڪڏهين پاڻکي آرسيءَ ۾ ڏٺو اٿيئي ؟''

ڪيڏي ڪوشش ڪيم، پنهنجي مک تي مرڪ کي قائم رکان. پر سروج جي ٻن اکرن ''خوشي تون مري وينديني.'' هڪ ئي ڌڪ سان ان ڪوشش جي ڏوريءَ کي ٽوڙي وڌو. منهنجي اکين مان جهر جهر آنسو وهي آيا. چيم، ''مري ويس ته ڇا ٿيندو، ڪنهن ماتا کي پٽ کان وڇوڙڻ جو پاپ ته ڪين ڪيو اٿم. مان مريادا تي هڪ حياتي قربان ٿي ويئي ته ڇا ٿيو !''

”خوشيءَ ! خوشيءَ !“ سروج مونکي ٻانهن کان وٺي لڇائي ڇڏيو. ”تڏهين هيترن سالن کانپوءِ تنهنجو پتو ئي ڇو پيم !“

هاءِ رام ! اهو بہ شايد سروج کي ڏسڻو هو، جو مونکي ان مهل ڪنگهہ اچي ڇري.

سروج ڏڪي چيو، ”هيءَ تہ سلهہ جي ڪنگهہ پيئي لڳي، خوشي !“

ڪنگهہ جهلي چيم، ”ٿورن ڏينهن ۾ سئنيٽوريم ۾ موڪلڻ جا سانباها ٿي رهيا آهن، شل اُتان نہ موٽان.“

سروج جي اکين مان برسات لهي پيئي. ”تڏهين تنهنجي خبر ئي ڇو پيم !“

الا ! منهنجي سکي ڪيئن نہ جُهري پيئي. وٽس مون لاءِ ڪيڏو نہ موهہ هو ! ڪنواري هوندي تہ مان بہ ڀين جي دک ۾ ايترو دکي ٿيندي هئس، مونکي بہ ڀين لاءِ ايترو موهہ هوندو هو، پر هاڻ تہ پاڻ لاءِ بہ موهہ ڪونہ اٿم. تنهن ڏينهن اميءَ منهنجي پتيءَ کي چئي ڏنو، ”هاڻي تہ ٻي شادي ڪٽي ڪر، هن مڙهي پير مان ڇا وريو.“ مون ماٺ ۾ سيڪجهہ ٻڌي ورتو. اصل دکہ بہ ڪين ٿيم.“

”خوشي اُٿ تہ هلون.“ سروج چيو.

”ها، هلون.“ چوندي مان ڪانئس تڪڙي اُٿيس ۽ بہ وڪون بہ ڪٽي ويس. سروج ڏيرج سان اٿي، اونهو ساهہ ڪٽي بهي رهي. چيم، ”هل سروج.“ هن ڪلي چيو، ”پڪيءَ کي پڃري ۾ ڇا ايڏي آسايش آهي، جو تنهنجو من جو پکي ايترو اُتاولو ٿي اُٿيو آهي ؟“

”آسايش تہ خاڪ آهي. باقي ڏپ سو ڏاڍو اٿم.“

سروج شانتيءَ سان چيو، ”اڄ پانيان پيئي سچ پچ دکہ پوڳڻ ۾ هڪ وڏاس آهي، نہ تہ تو جهڙي، هوا بندر تي ڊوڙن پائيندڙ، بسن ۽ ٽرامن کي پنهنجي قدمن جي ڊوڙ سان پڪڙيندڙ ڇوڪري، ريت رسم جي ڏوريءَ کي ڳچيءَ ۾ وجهي پاڻکي هيئن گهٽيندي رهي؟“

مون چيو، ”سروج تون منهنجي جڳهہ تي هجين تہ تون بہ جيڪر ائين ئي پاڻکي سچ تان قربان ڪري ڇڏين.“

”مان!“ سروج غصي مان چيو، ”مان جيڪر سچ کي ٺلهن اصولن جي زنجيرن مان آزاد ڪري، زندگيءَ جي هلچل وارين لهرن ۾ ٻڏي ڇڏيان، سمجهيئہ؟“

مونکي وري اڇي گهر جي ڏپ ورايو. چيم، ”سروج، ساڙهي؟ ساڙهي تہ خريد ڪري وٺ پلا.“

سروج مرڪي چيو، ”توکي چيم ڪو نہ تہ ساڙهيءَ جو تہ صرف بهانو هو، خوشي!“

”نہ سروج، امي الف کان ولي ي تائين، هزارين سوال پڇندي تہ ساڙهي ڪهڙي دڪان تان ورتئہ، رنگہ ڪهڙو هو، گهڻا وال هئي، گهڻي رپئين جي هئي ....“

”تون بہ الف کان وني ي تائين ڪوڙ ٻڌائج.“

”ڪوڙ! ڪوڙ تہ مان ڪڏهين ڪا نہ ڳالهائيندي آهيان.“

”خير تو ڇوي تہ تون ڪوڙ نہ ڳالهائيندي آهين؟“

مان سروج جي هن سوال تي پريشان ٿي ويس.

سروج اکيون ننڍيون ڪري چيو، ”سيني سان ڪوڙ

ڳالهائيندي رهي آهين تہ تون بلڪل سکي آهين ۽ تنهنجي
هرڪا تمنا پوري ٿيندي آهي ۽ اُنکان وڏو ڪوڙ تون پاڻ سان
ڳالهائيندي رهي آهين، تہ توکي جيئڻ جي چاهنا ڪانهي.''

''سچ، سروج مونکي جيئڻ لاءِ اصل چاهنا ڪانهي.''

''تہ پوءِ تنهنجي اکين ۾ هي وڏا وڏا آنسو ڇو آهن؟''

مان هن ڪنور سچ کي سيني تي سٺي، خبر ناهي
ڪيڏي مهل گهر هلي آيس. ڪهڙيءَ طرح اميءَ کي نلرتا سان
چيم، سارهيءَ بابت مان ڪجهہ ڪانہ ٻڌائيندي يس ۽ پتيءَ جي
نگاهن جا تير سهي، اچي بستري تي پيئي آهيان ! هي سڀ
هڪڙي کهاٽي پيئي لڳي.

هينئر پرهہ ٻاڪون ڪڍيون آهن. سروج منهنجي زخم
جي جيڪا ڪڙي چڪي لاهڻ شروع ڪئي هئي، سا هاڻي
ڪيترو پري وڃي پيئي آهي. ڦٽ کليو آهي، مٿس هوا لڳي
آهي تہ آرام پيو اچي. هاڻي ننڊ پيئي اچي. ائين پيئي
ڀانيان، هيترا سال ننڊ ئي ڪين ڪئي اٿم. ۽ اڄ جيءُ ڀري
ننڊ ڪنديس. ليڪن اڄ دل ۾ هڪ ڏيئو پيو ٻري، اُن جي
روشنيءَ ۾ ڀلا ننڊ ڪيئن ايندي !

(نئين دنيا ١٩٥٨)

(٩)

# ڏيئي جو تيل

گوپال در ۾ پير وڌو ته سيتا رنڌڻي مان ئي آواز ڪيو ”ڪير آهي ؟“ ۽ ”مان آهيان“ چوندڙ ٻار جو آواز سڃاڻي، ٿالهي پائي اچي ميز تي رکيائين. گوپال سڪول جا ڪتاب خاني ۾ وجهي چيو، ”ممي !“

”پهرين ڪاڌو ته کاءُ. روز مڙ ڳالهين جا ٿو سڪول مان گهلي اچين.“

گوپال هٿ ڌوئي گراهي وات ۾ وڌي. ماءُ وجهڻو هڻڻ لڳي. ”تون به کاءُ نه.“ گوپال ماءُ جو هٿ ٿالهيءَ ۾ وجهي چيو. سيتا جي اکين ۾ آنسو چلڪي پيا. ڪيڏن سالن کان پوءِ ڪنهن کيس ان حجت سان کائڻ لاءِ چيو هو. ٻانهن ۾ پيل چورن تي اکين مان هڪ ڦڙو ڪري پيو. سون چمڪيو ۽ سيتوءَ جي ذهن ۾ چمڪي انهن چورين پائيندڙ پتيءَ جي ياد !

پتيءَ جي ياد !

”ممي.“

”چئو“

”جنهن ماستر کي تو منهنجي لاءِ سفارش ڪئي هئي

ڪنهنکي بہ پنهنجي ڪين سگهيو. نہ وري سرڳواسيءَ جي زال کان پڇڻ جي ڪنهنکي همت ٿي ٿي.

سيتا ڪنڌ هيٺ ڪيو ڳرندي تي رهي، ڪنهن ميڻ بتيءَ جيان رجندي ئي رهي. هر هر هڪ هٿ سان پير وٽي ٿي مهٽيائين. جڻ دل جي لوچ ان مهٽ ۾ واهي ڇڏڻ جو يتن ٿي ڪيائين. زالون ماستر جي شعرن، راڳن، ڪتابن ۽ ڪلهہ ٽيو ڏينهن جي ڳالهين بابت گهڻو ڪجهہ ڳالهائي رهيون هيون. سيتا جي دل انکان بہ گهڻو اڳئين وقت ۾ وڃي پهتي. ٽيهہ سال اڳ جا چتر من مندر جي پراڻين پٽين تي نمايان ٿيڻ لڳا. سيتا وڏي وڏي گهر ۾ ويني هئي. پيءُ چيو، ”ڪڪي، هيءُ ماستر توکي گهر ويني ئي پاڙهي قابل ڪندو.“

ڪڪيءَ پڙهڻ شروع ڪيو. ڪتابن جا پاٺ پڙهندي پڙهندي هوءَ پيو ئي ڪجهہ پڙهڻ ويني. پاٺ جو ڪلاڪ پوري ٿيڻ تي ماستر جي ڦل فروٽ سان آجيان ڪئي ويندي هئي. جنهن معصوم پيار ۽ قرب سان هوءَ سنگترو ڇلي، صوف وڍي رکندي ويندي هئي، سو ماستر جي دل جي اهڙن تهن کي ڇهي ويو جن ۾ هري روشني ڪرڻ جي طاقت هئي. ماستر ڪڪيءَ کي شعر پڙهي ٻڌائڻ لڳو - شعر جي سندس هر ادا هر لوڏ ۽ سرير جي هر انگ تي ناهيل هئا. سيتا جي هرهڪ اَدا مان حسن بکڻ لڳو. هوءَ هڪ خواب ۾ ويڙهجي ٿي ويئي. پيءُ جون آزمودگار اکيون سڀ ڪجهہ تاڙي ويئون ۽ پيار جي ول کي اُسرڻ کان اڳہ روڪڻ جا اُپاءَ وٺڻ لڳو. جئن وڏيڪ بندش پيئي تئن سيتا وڏيڪ بيچئن ٿيڻ لڳي. ۽ هڪ ڏينهن

ماستر جو اچڻ بند ڪيو ويو، پٽي ڏينهن شهر بدلايو ويو. ۽ آخر ۾ سيتا کي شاديءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙيو ويو. ماستر جي شخصيت سندس چت ۾ وسي ويئي هئي. ماستر جا ڳلن قلن ۽ جبلن ٽڪرن تي ٽهيل شعر سندس روح ۾ پڙاڏا پائڻ لڳا.

سيتا ڪراچيءَ وڃي پهتي پر سندس من حيدرآباد ۾ پڪندو رهيو. ماستر جا شعر روز اخبار ۾ اچڻ لڳا. فراق جا شعر، وڇوڙي جا ورلاپ ۽ سيتا جو اکيون هر وقت پنل رهڻ لڳيون. پتيءَ کيس شعرن تي ڳوڙها ڳاڙيندو ڏٺو ته ڳالهه سمجهي ويو. هڪ ڏينهن پڇيائين، ”سيتو توکي ڇا گهرجي ؟“

سيتو اکيون کڻي پتيءَ کي ڏسندي رهي، جل ڌرائون وهنديون رهيون.

پتيءَ چيو ”تون هنن شعرن جي لکندڙ سان گڏبينءَ ؟ هو سياڻي ڪراچيءَ اچڻو آهي.“

سيتا چپ هئي. ڇا چوي، مريادا جون ديوارون رسمن رواجن جا گهيرا اُتي کڙا ٿيا. پتيءَ چيو، ”سيتو اسانجي ملڪ اڃا انهيءَ سچ کي نہ سڃاتو آهي تہ جتي روح جي پوڄا آهي اتي ئي جند جو ناتو ڳنڍجڻ کپي. مان چاهيان پيو تون جيڪر اها بهادر ناري هجين ها جا ريت رسم جون حدون ٽوڙي پنهنجي پريتم جي قلوازيءَ کي هريو پريو ڪري ڇڏيندي آهي.“

سيتوءَ ڪنن کي هٿ ڏيئي ڇڏيا. ”هندو ناريءَ لاءِ ايترو سيڪجهه پڌڻ ڏکيو آهي، ڏاڍو ڏکيو آهي.“

پر سيتوءَ اُن مهل بہ من ۾ چيو هو، ”ماستر پنهنجي
ٻالپڻي ۾ ئي ڪنهن سان لائون نہ لڳي چڪو هجي ها تہ مان
شايد قلمي اندران بہ اُڏامي وڃي سندس ٿيان ها، ليڪن
ڪنهن شاعر جي پوڄا جي مورتي هوندي بہ ايتري بي احساس
ڪيئن ٿي ٿي سگهيس جو شاعر جي پتنيءَ جو روح وڃي
ڦٽڪايان.“

مگر جنهن ڏينهن پتيءَ دوست جي گهر جو مينهن
ڪري کيس ماستر سان وڃي ملاقات ڪرائي، تنهن ڏينهن کان
سيتا بلڪل ئي بدلجي ويئي. اُن کانپوءِ هڪ ڏينهن پتيءَ
پڇيو، ”تون هاڻي ماستر جي شعرن تي روئندي ڇو ڪين
آهين؟“

سيتا وڏيون وڏيون اُداس اکيون مٿي کڻي چيو،
”هيستائين سمجهيو هوم تہ ڪنهنجي پيار ۾ ئي زندگي
گذاري سگهجي ٿي، پر ماستر سان گڏجڻ کانپوءِ سمجهيو اٿم
تہ ڪنهنجي پوڄا ۾ بہ استري جيون گذاري سگهي ٿي ۽ اها
پوڄا جاڻو ٿا ڪنهن جي ٿي رهي آهي؟“

پتيءَ اُداس لهجي ۾ چيو، ”ماستر ئي تہ پاڪ روح ۽
پوڄا لائق انسان آهي.........“

سيتا کلي چيو، ”جيڪو انسان ريت رسم کي پاسي رکي
سچائيءَ کي اُگهاڙي روپ ۾ ڏسندڙ آهي، انجو ئي روح پاڪ
آهي. توهان کان وڌيڪ پوڄا شايد هن جنم ۾ ڪنهنجي ڪري
ئي ڪين سگهنديس.“

سيتوءَ ڏٺو ان گڏجاڻيءَ کان پوءِ شاعر جي شاعري ”تون
مان“ جو گهيرو ڇڏي وڏي وڏي وسيع گهيري ۾ پکڙجي ٿي

مونجهاري ۾ آهن. هرڪا اکين ئي اکين سان پڇي رهي آهي، ”تون ڪير آهين ؟“

سيتو ڪيئن چوي تہ هوءَ ان پرندڙ ڏيئي جو تيل آهي، جو تيل هوندي بہ وسامي ويو آهي.

ماڻهن جي ٽولي اندر ڪمري ۾ گهڙي آئي. هو پراڻيءَ کي لنبا ڏيئي موٽيا هئا. شاعر جي زال پلڙ شروع ڪيو. سيتوءَ هٿ جهلي چيو، ”پيڙ“ وڏيڪ اکر ڪائنس اُکلي ئي نہ سگهيا. ماڻهو طاق تي رکيل ڪاپين ڏانهن ڏسي هڪ ٻئي ۾ چئي رهيا هئا، ڪنهن بہ طرح هي شعر ڇپائي هن لاٽ جي روشني ماڻهن تائين پهچائيندا سين. ان لاءِ پهرين چندا ڪنا ڪرڻا پوندا.

سيتوءَ پنهنجي ٻانهن مان ڪنب جهڙيون سنهيون چوڙيون لاهي ڪٽي پٽ تي رکيون. ”منهنجو بہ چندو وٺو نہ ؟ ”هوءَ ڪير آهي.“ انهيءَ سوال جي بوڇار کان بچندي، سيتا ٻاهر نڪري ويئي. گهر پهچڻ تائين نڪهڻ اُس ۾ پير ساڙيندي سندس دل جي دڪ دڪ انيڪ پيرا چئي ويئي، ”مان ڏيئي جو تيل آهيان !“

(نئين دنيا ١٩٥٨)

## (١٠)

# نَخريليون

مان رهان لنڊن ۾. ويهہ سال اڳہ بمبئيءَ آئي هئس تڏهن سؤٽ نينا جون ڏيئر ننڍڙيون هيون وڏي ۾ وڏي تيرهن سالن جي هئي. هن پيري نينا لکيو، ”توکي ياد نہ ٿو اچي، ننڍي هوندي اسين سؤٽين کان وڏيڪ پڪيون ساهيڙيون هيوسين. تون احمدآباد وڃي رهينءَ تہ روز خط لکندي هئينءَ مونکي؛ حيدرآباد سنڌ ۾ کهڙو نہ اُهو پيارو هو سمو......“

خط پڙهي پر لڳي ويا هئا مونکي. پٽيءَ کي چيم، ”هيڏانهن مان هن ڊسمبر ۾ ضرور اِنڊيا لهنديس.“ هن مٺو کنهندي چيو، ”پر اُتي تنهنجي آهي ڪير؟ توراکي ڏورانهان مائٽ اٿيئي سي بہ انينءَ پيڙهي اُٿ، ماڪوڙو ماسات جي حساب جهڙا. رهي نينا تنهنجي سؤٽ، تنهن جون بہ چارئي ڏيئر وڏيون ٿيون آهن. گهر اهوئي ٻہ روم. ڪٿي وڃي لهندينءَ؟“

ڪجهہ سوچي چيم، ”نينا جي دل واري ڪوٺيءَ ۾ لهنديس.“ ٻئي خوب ٽهڪ ڏيئي کلياسين. بمبئي آيس تہ

نينا سان جيڪو ڏهہ منٽ گلي لڳي پاڪر پائي بينيس، بس تن من ئي ٺري پيو. سندس اکين ۾ منهنجين اکين مان سالن جو سانڊيل وڇوڙي جو ڏک چپ چاپ وهي ويو.

نينا جو گهوٽ گهنشام ويهن سالن ۾ خاص پڌو ڪين ٿيو هو. وار تہ ويهہ سال اڳہ بہ اَڇا ڏٺا هئامانس. هاڻ وچي پنهنجي جاءِ ڇڏي گول چمڪندڙ ٽڪڙ تي روشنيءَ جو راڄ ڇڏي ويا هئا.

صبح صبح اک کلي تہ ڏٺم نينا ۽ سندس ڏيئر ڇڻ وقت سان وڙهي رهيون هيون. مون لاءِ اِها نئين ڳالهہ ڪين هئي جو لنڊن ۾ مان بہ ان طرح يا انکان بہ تڪڙو باسڻ صاف ڪرڻ، ڇانهہ ٺاهڻ، نيرن ٺاهڻ، سنان ڪرڻ وغيره ۾ مشغول ٿي ويندي آهيان ۽ هي بہ پيو هٽ وناٿيندو اٿم. هتي نينا جو گهنشيام تہ رلي تاٽي سمهيو پيو هو. جڏهن نينا وچي بيڊ ٽي اڳيان رکيس تہ ہہ منٽ اُٿي وينو پڇيائين، ”هن لنڊن واريءَ کي بيڊ ٽي ڏني اٿيئي ؟“

نينا چيو، ”اُٿي تہ سهين، پيسٽ ڪري پوءِ پيئندي هوندي ڇانهہ. سڀ ٿوروئي توهان وانگر سيءُ سيءُ ڪري سستي ڪندا!“

گهنشيام چيو، ”اڙي هنکي تہ هيءَ ٿڌ لڳندي ئي ڪين هوندي.“

”برابر“ چئي مان بہ اُٿي وينيس ۽ بئگ مان پيسٽ برش ڪڍي گينڊي ڏانهن هلي ويس. نينا کان پڇيم ”ڇا هي ڇارئي ڇوڪريون نوڪري ڪنديون آهن ؟“

نينا کلي چيو، ”تڏهن گهر ۾ ويهي کهڙا ڪُنا

گهڙينديون ؟''

چوڪريون هليون ويئون نوڪرين تي - گهنشيام پاڙي ۾ اخبار پڙهڻ ويو هو. نينا گهر سيهڙڻ ڇڏي اچي مون سان نيرن کٽي ويٺي. مون چيو، ''نينا مني تو ڪڏهن لکيو ته ڪين ته هنن نياڻين لاءِ ڪٿي ڪا ڪوڏي موڪليم.''

''اڙي منهنجي من موهني ! هنن نياڻين جا نخرا ٻڌندينءَ ته لڳندءِ زمانو اهو اچڻو آهي جڏهن شاديءَ جهڙي پوتر بنڌن ۾ شايد ڪوئي نه ٻڌجڻ چاهي.'' چوندي چوندي نينا جي مک جي کل فيوز ٿي ويئي.

کن رکي چيم، ''آخر ڪنواري رهڻ جي پرتگيا ڪئي اٿن ڇا ؟''

ڪؤڙي روئڻهارڪي. شڪل ڪري نينا چيو، ''ائين چون ته مان جيڪر سک جو ساهه کڻان شادي به ڪنديون پر ڇوڪرا اهي کپن جي ڪانئن وڏيڪ پڙهيل ۽ وڏيڪ ڪمائيءَ وارا هجن، ٻاهر ولائت وارا، ڊنڊوري نه، پر آفيسري ڪندڙ هجن.''

مونکان کل نڪري ويئي. چيم، ''اهي ته تنهنجون ڏيئر نر مڙس ٿي پيئون آهن.''

نينا چيو، ''ڪمائين جو وينيون هزارن ۾ !''

مون چيو، ''هزارن جي اڄ قيمت ڪهڙي رهي آهي.''

نينا ڪيترو وقت ڪنڌ لوڏيندي رهي، ''برابر، برابر جيڪي اسان ڇئن سون جي پگهار مان ٿي ڪاڏو سو اڄ ڇئن هزارن ۾ نٿا ڪائي سگهون ... پر هوءَ جا تڏڙي ساماڻي آهي، سا ته هنن وڏين کان به گهڻو يئي ڪمائي ...''

”آهي گهٽي سالين جي ؟“

”پنجويهن جي تہ اها بہ ٿي ويئي آهي.“

”پوءِ تڏڙي ڪيئن ٿي ؟ جوڙي چئہ، پڪي جوان چئہ نہ.“ نينا جون اکيون وري اُداس ٿي ويئون. چيائين، ”موهني مني ! توکي ڇا ٻڌايان؛ اسان سنڌياڻين کي نياڻين لاءِ گهوٽ ڳوليندي ورهيہ لڳيو وڃن. رڳو منهنجون ئي نہ، اِلاهي ملڻ مائٽن جون ڇوڪريون ٻڌايانءِ ٿي. ائين تہ ڇوڪرا بہ ڇوند ڪندي ڪندي اڇو مٿو ڪيو ڇڏين. اَڇو مٿو بہ ڪٽي رنگ هٽي لڪائين، پر اهي تہ مرڳوئي گنجا ٿيو وڃن. پوءِ اسانجون هي نڪري منيون نينگريون ڇون ٽڪلوءَ سان ڪيئن شادي ڪبي.“

مون چيو، ”انهہ چاهي، جتي ڏاڙهي مهچ ڇَٽ، تتي مٿي جا وار بہ سهلڻا. اڄي پوءِ پڙهيل ڇوڪرن کي ٽڪلو ٿيڻ جي تہ هرڪا اجازت آهي. منهنجو هي ڪين هائي بلڪل گنجو ٽڪر ٿي ويو آهي. فوٽن ڪڍائڻ مهل وڳ پاتي اٿس.

”اڙي پرهتي جا ڇوڪرا وري اهڙا وڏائي ڪاڏا اٿيئي جو گهٽ ۾ گهٽ ڇوڪري ڪين ڏسڻ ٿي اچي تہ ڪٽي وڳ بہ پائي وهن. ڇوڪرين جون مائر وري راڻيون صاحبائون ڇون، ”اسانکي ڇوڪري ڏيکارجو بنا ميڪ اَپ ۾. اڙي پائي انسان رت پون، جو پٽلو، سوئي پهريون اثر ئي اهميت وارو ٿيندو آهي. تہ ڇوڪري چاهي ڇوڪرو ميڪ اَپ ۾ ڏسندا هڪ ٻئي کي، تہ هڪ ٻئي تي موهت تہ ٿيندا ...... شاديءَ کان پوءِ جا حال تہ هونءَ بہ سيني جا ساڳيا آهن.“

مون چيو، ”راڻي نينا ! تنهنجي ڳالهائڻ مان تہ لڳي

پائرن وانگر سمجهوسين، تن سان شادي ڪيئن ڪبي. ؟' ڏي جواب. جي ڪبي تہ اسان کان وڏيڪ ڪمائي هجين. مائٽي وارين لاءِ اڳي مونکي ئي ڪراهت هئي پر جڏهن ڏٺم هيءُ ڪو ڳوٺ ڪونهي جتي ڳري ڳنجي جي اِتي پٽي جي گهر ويني خبر پئجي وڃي. جاءِ وٺڻي آهي تہ بہ دلال کان سواءِ ڳت ڪانهي. هتي فرق اهو آهي جو مڙدو نرڳ وڃي چاهي سرڳ هيءُ مائٽين واريون پنج ست سؤ اڳوات ئي نالي لڪائي ۾ ولي ممٺ ڪوسي ڪن. پوءِ هڪ بہ گهر ٻڌائي چپ ٿي ويهي رهنديون.''

''ڪجهہ بہ هجي ڇوڪرين کي سيڪار پاڳ تي پارين. آهين تون بہ شايد ڊڃٽي، نہ تہ هيڏيءَ وڏيءَ دنيا ۾ هنن لاءِ ڇوڪرا ڇاوائي نہ هوندا ڇا ؟''

هاڻي نينا روئي پيئي. چيائين، ''هڪ تہ مڙس جو ساٿ ڪونهي. سيني سماج سڌارڪن کي بہ اسان جي ٻيءَ قوم ۾ پوڻ جي چنتا آهي انڪري بيورو بہ کوليا اٿن. پر منهنجو هي چوي، مان ڪين هلندوسانءَ ڇوڪرن جي پڇا ڳاڇا لاءِ ڏڪا ڪائڻ.....''

''نہ نہ مني روءُ نہ. هاڻي مان آئي آهيان نہ، ڏس تہ ڪيئن ٿي مهني اڏ اندر هنن ڇوڪرين کي سڪيو ڪري ڏيکاريانءِ ؟''

''ڪيئن ڪندين ؟ هنن جا نخرا ٻڌي تہ .....''

''ڏس ويهي ڪيئن ٿي نخرا ڇڏايان.''

- - -

تہ مونکي اهڙي تيز فهم ۽ سهڻي ڇوڪري ڏسي ڪوبہ سهڻو سمجهو ڇوڪرو خود اچي وَر مالها پهرائيندو. پر ٿيو ائين ڪين. وڏي وڻ ٿي ويس ٽيليهن کي وڃي عمر لڳي.

ٽنهي رڙ ڪئي، ”بش ٽيليهن کي ؟“

مون چيو، ”ڇوڪريون ! پڙهيل ڳڙهيل آهيو توهين تہ سمجهو ٿيون تہ شاديءَ جو گهڻو مدار ملڪ جي راڄنيتي ذهنيت تي بہ آهي. جڏهن ماڻهن کي ڊپ هو تہ ڇوڪري وڏيرڙي ٿيندي تہ راڄ ڪندڙ ڪڍي ويندا تڏهن پنجن ائن ورهين جي ڇوڪريءَ جي شادي ڪرائي ڇڏيندا هئا.

انگريزن جي راڄ ۾ ڇوڪرين جي کڄي وڃڻ جو انڌو ڊنڊ گهٽيو تہ ڇوڪرين کي پڙهائي سبق رڌڻ سيکاري ويهن ورهين اندر شادي ڪرائي ڇڏڻ جو سمو آچي ويو. اهڙي سمي ۲۳ يا ۲۵ سال عمر وڏي ڳالهہ هئي. مان وري ڪرڻ لڳيس ماستري تہ منهنجا نخرا بہ وڌي ويا. ماءُ لڪائي جيڪا مائٽي مليءَ جي ڳالهہ ڪري اها ٺڪرائي پيئي ڇڏيان. آخر هڪ ڏينهن پيءُ غصي ۾ اچي ويو. چيائين، ”تو سمجهو چاهي فلاڻي گهر جي ڇوڪري، جي ڪمائيءَ کي ٿي ڏسين. اڄ توکان اڌ جيترو ٿو ڪمائي پر شريف گهر جو شريف ڇوڪرو، ڪا علت بہ نہ اٿس، ست پيڙهيو ڊاول ... ڪنهن ڏينهن لک نہ ڪمائي تہ مونکي چئج. باقي ٻڌي ڇڏ هي آخرين چانس اٿيئي ڇوڪري ! ڪمائڻ چا لڳي آهين متو ڦري ويو اٿيئي ....“

”ٽيئي ڇوڪريون هيءُ منهنجي پيءُ وارو ليڪچر ٻڌي کلن جو کلن اصل بس ئي نہ پيئون ڪن.“

وڏي ٿورو لهر ۾ اچي چيو، ”ديدي اسان تہ گهٽ

(۱۱)

# ڀهِروپ

”ساڙهي سني پائي ائي آهين.“

”ڏوڙ سني آهي “ ساڙهيءَ جي چٽڻ ڪي لسارېندي اِندوءَ هيٺ ساڙهيءَ جي بارڊر ڪي پيرن تي هلائيندي اکيون مٿي ڪنيون. چيائين ”منهنجي شمي وٺي آيو تہ ڪٿي پاتم نہ تہ منهنجي پسندي گهٽي اُچي آهي هھڙي ساڙهي مان تہ جيڪر ڪڏهن نہ وٺان.“ ڪملا اندوءَ کي ٿورو ڏسندي وات ۾ پيل چيغم چٻاڙي چوڻ لڳي، ”شمي تہ ماڊرن نالو ٿو لڳي. واقعي اهو نالو آهي تنهنجي گهوٽ شامداس جو ؟“

اندوءَ کلڻ لڳي. ”اڳي ڪو اسان سنڌين ۾ اهڙا سهڻا نالا هئا ڇا ؟ الائي ڇا ڇا سڏينديون هيون مائر ٻارن کي - مرچو، پگڙو، ڪلو، منو ... هنجو بہ نالو شآمداس آهي، پر مونکي شمي نالو پسند اچي ويو. ڏسي نہ شامداس .. هيڏو ڏگهو نالو ڪٿي ڪان شمي ڪهڙو ننڍو ۽ ملائم احساس پئدا ڪندڙ آهي ......“

”اڇا“ ٺهڪ ڏنو ڪملا، ”وياڪيا تہ اهڙي ڪري ويئي آهين شمي نالي جي جو هاڻي تہ تنهنجي گهوٽ ڪي ڏسڻ

شميءَ سمجھو سندس لفظ آهستي چيل آهن جي رڳو اندوءَ ٻڌا هوندا، پر ائين ڪين هو ڪملا بہ لفظ ٻڌا ڪنن کي هٿ ڏيئي شوڪيس جي ڀرسان هلي ويئي ۽ وچي ميز تان اخبار کڻي ڪوچ تي ويهي پڙهڻ لڳي.

ايتري ۾ اندوءَ شوڪيس جي ڀر پاسي اچي، ڪملا کي ٻانهن کان جهلي ٻئي ڪمري ۾ ولي ويئي چيائين، ''دل ۾ تہ نہ ڪئيہ ڪملا.''

''ڇا ڪنديس دل ۾ ؟''

''اهو ئي شميءَ جو ڳالهائڻ''

''دل ۾ ڪرڻ سان ڪو فائدو تہ ٿيندو ئي ڪين منهنجو هڪڙو پاءُ بہ ان قسم جو آهي. شڪر منهنجي مڙس جو ڳالهائڻ ڏاڍو پالش ٿيل آهي ....''

''اهو جيڪر ڇا چوي ها.''

''اهو جيڪر هيءَ وري ڪير گهرائي اٿيئي بدران چوي ها، 'تنهنجي ساهيڙي آئي آهي ڇا اِندو ؟ تون خاطرداري ڪريس مونکي ٻئنڊ ايڊ ڏيئي وڃ تہ لڦ تي هٽان.''

ٿڏو ساهہ کڻي اندوءَ چپ ٿي ويئي. پير سان زمين کوٽڻ لڳي. کيس ائين ششلر ٿيندو ڏسي ڪملا چيو، ''تون پاڻ دل ۾ نہ ڪر. ٻڌونہ اٿيئي 'تلسي اِس سنسار ۾ ڀانت ڀانت ڪي لوگ. سبسي هل مل رهيئو ندي ناو سنجوڳ.''

اندوءَ سندس هٿ ولي پنهنجي هٿ ۾ دٻائي شڪرادائي ڀري، نظر سان ڪملا طرف نهاريو ۽ ٻئي ڪمري ۾ مڙس جي پٺيان ڪرڻ هلي ويئي.

شمي لڪ تي ڦوڪون ڏيئي ٻاڙهي دوا پئي سڪائي.

اندوءَ چيو ”پير هيڏانهن ڪريو ٻڌڻدايد هٿي ڇڏيان.“

”هيڏانهن ڏي ٻڌڻ ايڊ مان پاڻيهي ڪو هٽان، پهرين وڃي ساهيڙيءَ جي چمچاگيري ڪر...“

”تون ناراض ڇو ٿو ٿين. هڪ ته مون سمجهو هو اڄ تنهنجي ڊيوٽي آهي. مونکي موڪل آهي انڪري ساهيڙيءَ کي گهرايم.“

”توکي موڪل آهي انڪري ساهيڙي کي گهرائي. هڪڙو ڏينهن ٻه نه ٿي انهن ڇورين ڪانسواءِ رهي سگهين“

اندوءَ ڪسجندڙ ٻڪري واريون اکيون مٿي ڪنيون، چپ چاپ هلي ويئي، ٻئي ڪمري ۾. ڪملا پرس هٿ ۾ ڪنيو باهر وڃڻ لاءِ تيار بيٺي هئي.

اندوءَ مرڪندي چيو، ”ويهه اُٺي ڇو بيٺي آهين ؟“

ڪملا مونجهاري ۾ ڪرسيءَ جي ڪني تي ويٺي. سندس نظرن اندوءَ کي ڇڻ ٻراهلڙي پاتي. اندوءَ اکيون جهڪائي ڇڏيون.

ڪملا چيو، ”مردن جي موڊ ڪڏهن اهڙي ٿيندي آهي تون ويچار نه ڪر. شامداس کي صحيح موڊ ۾ ڏسڻ لاءِ وري ڪڏهين ايندس.“

”وري ڪڏهن !“ ڇڙڪ ڀرجي ويو اندوءَ کان. ڪملا هلي ويئي. اندو سندس پٺيان نهاريندي دروازي ۾ بيٺي سوچي رهي هئي، ”ائين ڇو آهي زال گهر ۾ قدم رکي ته سندس مٿي تي ڍڪڻ رکي، ڪير ڇٽائي پوءِ ساهرن ۾ اڇڻ ڏينس. مڙس لاءِ لاڏا ٻائين ” لاهه لُنگي ڪر ڪلهي“ الائي هي بي

انصافيون ماڻهن ناهيون آهن الائي آڪاس مان برسيون آهن....“ گهوماٽيل آڪاس بنا جواب ڏيڻ جي مٽي بيٺلو هو. اندو در بند ڪري شميءَ وٽ هلي آئي.

شامداس پڇيو، ”ويئي تنهنجي چيمر چنبڙي ؟“

اندوءَ اکيون کڻي مڙس طرف نهاريو.

”چو ڪوڙ تو چوان ؟ جو ائين ٿي نهارين ؟“

اندوءَ جواب ڪونہ ڏنو. وڃي رنڌڻي ۾ ڪوپ پليٽون صاف ڪرڻ لڳي. اوچتو پنهنجي چوٽيءَ کي چڪجندو محسوس ڪري منهن ورايائين تہ شمي بيٺو هوس. چوڻ لڳو، ”چو توکي مڙس کان وڌيڪ رڌڻو پيارو آهي ؟“

اندوءَ ڏندن جي برش سان ڪوپن جي تري وٽان چميل مٽي پٽي لاٿي. چمڪندڙ ڪوپ ڏيکاري شامداس کي چيو، ”ڏسو ڪيڏو چمڪي پيو آهي.“

”ويٺي انهن کي ئي چمڪاءِ ... مان وڃانءِ ٿو.“

اندوءَ تڪڙ ۾ هٿ اگهيا، پر شمي در تائين پهچي ويو اندو وري بہ اچي ٻاهرئين دروازي وٽ بيٺي. مڙس کي ويندو ڏسي رهي هئي. پري ڪٿي آسمان ۾ ڌرتي گڏ گڏ پئي نظر آيا. ڪوئي ڪارو ڪڪر اُپ تي ڇانئجڻ لڳو تہ اندو تڪڙ ۾ دروازو بند ڪري اندر هلي آئي.

(اٽچيل ٢٠٠١)